ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 28 سيپٽمبر 2026ع 15 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملھ 30 روپيا شمارو (44)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Monday 28th September 2026
Daily Ibrat Karachi

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جون وڏيون ڪارروايون، 71 کان وڌيڪ دهشتگرد مارڻ جي دعويٰ

زيارت، شابان ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز پاران دهشتگردن جا ڪيترائي مبينا ٺڪاڻا تباهه ۽ علائقن کي ڪليئر ڪرايا ويا

شابان آپريشن دوران دهشتگردن سان سخت مقابلي ۾ 33 مبينا دهشتگرد مارڻ جي دعويٰ، وڏي مقدار ۾ هٿيارن، گولا بارود ۽ ڌماڪيدار مواد جي هٿ اچڻ جي دعويٰ

گڏريل 72 ڪلاڪن دوران دهشتگردن خلاف ڪارروائين ۾ وڌيڪ شدت آندي وئي، وڌيڪ 23 دهشتگرد مارجي ويا ۽ وڏي علائقي کي ڪليئر ڪرايو ويو

نوشڪي ضلعي ۾ انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي ڌار الڳ آپريشن ۾ مبينا پارٽي حمايت يافته 11 دهشتگردن کي مارڻ ۽ هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

مند واري علائقي ۾ مختلف ڪارروائين دوران 'فتنه الهند' سان لاڳاپيل 6 دهشتگرد مارجي ويا، ڪليئرنس ۽ سرچ آپريشن جاري رکڻ جو اعلان

عزمِ استحڪام تحت خطرو مڪمل ختم ٿيڻ تائين دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري رهندو: ترجمان آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) افغان طالبان حڪومت پارٽ جي حمايت ۽ پنهنجائي ۾ پاڪستان ۾ دهشتگردائين سرگرمين ۾ ملوث آهي جيڪي قيمتي جانين جي مسلسل نقصان ۽ امن امان لاءِ خطري جو سبب بڻجي رهيون آهن پاڪستاني گڇهن ادارن ڪوئٽا جي ضلعي شعبان جي علائقي ۾ فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن جي نشاندهي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آمريڪا سان جنگ ختم ناهي ٿي پر فيصلائتي مرحلو شروع ٿي ويو آهي: ايراني آرمي چيف

ايران جنگ ۾ ڪامياب رهيو آهي، ۽ مخالف ڌر کي سخت نقصان پهتو آهي: ميجر جنرل امير حاتمي

ان ڪاميابي کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي، فوج ڪي ۾ ڪنهن به امڪاني حملي جو جواب ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو

اسان ڪنهن به ٻاهرين دٻاءُ يا خطي ۾ طاقت جي استعمال کي قبول نه ڪنداسين: فوجي تقريب کي خطاب

تهران (م د) ايراني فوج جي سربراهه ميجر جنرل امير حاتمي چيو آهي ته آمريڪا سان جنگ اڃا ختم ناهي ٿي پر هاڻي اها هڪ "اهم ۽ فيصلائتي مرحلي" ۾ داخل ٿي چڪي آهي جڏهن ته هن ايراني فوج کي وڌيڪ امڪاني حملن لاءِ تيار رهڻ جي هدايت ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب امير حاتمي هڪ فوجي تقريب کي خطاب بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

دشمن لاءِ 'سرپرائز' تيار آهن، حملن جو نئين فوجي ٽيڪنالاجي سان جواب ڏينداسين: ايران

اسان دفاعي ٽيڪنالاجي تي وڌيڪ ڌيان ڏئي پنهنجي فوجي صلاحيتن ۾ اضافو ڪيو آهي: جنرل ابوالفضل

ايران جا تيار ڪيل ميزائل ۽ ڊرون اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جديد ۽ طاقتور ٿي چڪا آهن

ڪنهن به امڪاني دشمن ڪارروائي جي صورت ۾ جارحيت جو جواب ڀرپور نموني ڏنو ويندو

تهران (م د) ايراني هٿياربند فوج جي ترجمان برگيڊيئر جنرل ابوالفضل شڪارچي خبردار ڪيو آهي ته ايران خلاف ڪنهن به جارحيت جي صورت ۾ ملڪ نئين فوجي ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي جواب ڏيندو هن دعويٰ ڪئي ته ايراني فوج ماضي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ بهتر دفاعي پوزيشن ۾ آهي الجزيره موجب ايراني بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بهاوليور: ڊي پي او بهاوليور قومي اسيمبلي جي ٿنيي چونڊ کان اڳ پولنگ اسٽيشن تي انتظامن جو جائزو وٺي رهيو آهي

سينيٽر وقار مهدي ۽ عبدالقادر عالمي ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي نمائندگي لاءِ منيلا روانا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

فارما ڪمپنين کي مبينا هراسان ڪرڻ جي شڪايتن تي انسپيڪٽر غلام علي لاکو معطل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فارماسيوٽيڪل صنعت پاران ڊرگ انسپيڪٽر غلام علي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سائبر ڪرائيم جو مقابلو جديد ٽيڪنالاجي ۽ تربيت يافته افرادي قوت سان ڪري سگهجي ٿو: محسن نقوي

آن لائين مالي فراڊ، جعلي اڪائونٽن ۽ ڊجيٽل بليڪ ميلنگ خلاف بنا فرق ڪارروائيون جاري رکيون وڃن

متاثر شهرين جي رقم محفوظ بڻائڻ لاءِ مالي فراڊ جي شڪايتن تي فوري رسپانس جو نظام موثر بڻايو وڃي

اين سي سي آءِ اي کي جديد ٽيڪنالاجي سان پاڪستان جي سائبر پوليس بڻائڻو آهي: وفاقي گهرو وزير

لاهور (اي پي پي) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي سائبر ڪرائيم خلاف ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته آن لائين مالياتي فراڊ، جعلي اڪائونٽس ڊجيٽل بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

حڪومت عوام کي معلومات جي فراهمي شفافيت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي: وزيراعظم

پاڪستان اڄ چاڻ تائين پهچ جو عالمي ڏهاڙو ٿو ملهائي عوام جي بنيادي جمهوري حق جي عزم جي بحالي تي اولين ڪري ٿو

چاڻ تائين رسائي هڪ بنيادي حق ۽ شفاف جوابده ۽ باخبر معاشري جو بنياد آهي: پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف عوام کي تصديق ٿيل چاڻ تائين پهچ ۽ ادارن طرفان ان جي فراهمي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هڪ ناري پالتو ٻلي کي وڪرو ڪرڻ لاءِ کڻي بيٺل آهي

پاڪستان ٽورسٽان بابت افغان طالبان حڪومت جي دعويٰ رد ڪري ڇڏي

پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز ۽ انٽيليجنس ادارن جي ملوث هجڻ جا دعوائون من گهڙت آهن

الزامن بابت سچائي، دستاويزي ثبوت پڻ فراهم نه ڪيا ويا آهن: سنڌ سماء واري وزارت

اسلام آباد (م د) پاڪستان افغان صوبي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪ بحريه جي آبدوز پي اين ايس ايم هنگور جي پهرين لائيو ويپن فائرنگ جو ڪامياب مظاهرو

ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ اينٽي شپ ڪروز ميزائل ذريعي هدف کي درستگي سان نشانو بڻايو ويو

ايڊمرل نويد اشرف فائرنگ جو مشاهدو ڪيو ۽ آبدوز جي جنگي صلاحيت جي تعريف ڪئي

اهو سنگ ميل قومي بحري سرحدن ۽ علائقائي امن جي تحفظ لاءِ پاڪ بحريه جي عزم جي نشاندهي ڪري ٿو

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ بحريه جي آبدوز پي اين ايس / ايم هنگور پهرين لائيو ويپن فائرنگ ۾ ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ اينٽي شپ ڪروز ميزائل ذريعي هدف کي انتهائي درستگي سان نشانو بڻايو آهي. آ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌي ادبي سنگت پاران ڪرايل بڊي واري ڏهاڙي ۾ ڪتابن جو مهورت ڪيو پيو وڃي

طالبان حڪومت ۾ افغانستان منشيات جي پيداوار ۽ عالمي اسمگلنگ جو گڙهه بڻجي ويو آهي: عالمي ميڊيا

منشيات جو واپار پوک کان اڳتي وڌي گڇهن ڪيميائي ليبارٽرين تائين پکڙجي رهيو آهي

افغانستان سڄي دنيا ۾ آئيس جي وڌندڙ پيداوار ۽ اسمگلنگ جي خطرناڪ مرڪزن ۾ شامل ٿي ويو

سري لنڪا اسمگل ٿيندڙ 2 ڪروڙ 10 لک ڊالرز جي آئيس پڪڙي وئي آهي: آمريڪي سفارتخانو

اسلام آباد (اي پي پي) طالبان حڪومت ۾ افغانستان منشيات جي پيداوار ۽ عالمي اسمگلنگ جو گڙهه بڻجي ويو طالبان حڪومت جي اثر هيٺ افغانستان سڄي دنيا ۾ ڪرسٽل ميٿ (آئيس) جي وڌندڙ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ سياحت جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ سياحت جو عالمي ڏهاڙو آچر 27 سيپٽمبر تي ملهايو ويو ان ڏينهن کي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ پاران حيدرآباد ۾ واپاري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري تي پوليس ٽيم لاءِ 5 لک رپيا انعام جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو حيدرآباد ۾ هندو واپاري جي قتل ۾ ملوث بن جوابدارن جي گرفتاري تي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو ايس بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڏکڻ آفريڪا ۾ مني بس ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر 11 ڄڻا فوت، 8 زخمي

ڪيپ ٽائون (اي پي پي) ڏکڻ آفريڪا جي صوبي ڪواز ولوٽنال ۾ مني بس ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر سبب 11 ڄڻا فوت ۽ 8 زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب صوبي ڪواز ولوٽنال جي ٽرانسپورٽ اينڊ هيومن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ، پوليس مقابلن ۽ حادثن جي واقعن ۾ 6 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي جوابدار گرفتار

مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلن دوران 5 مبينا ڌوڙو گرفتار، هٿيار، گوليون، موبائل فون، روڪ رقم هٿ

سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران نوجوان ٻڏي فوت، سپر هاءِ وي ۽ ٻين علائقن ۾ حادثن سبب وڌيڪ 3 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس جي ڪارروائي ۾ قتل، ڦرلٽ ۽ غيرقانوني هٿيارن جي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ، پوليس مقابلن دوران مبينا ملزم سميت 6 ڄڻا مارجي ويا روڊ حادثن سمنڊ ۾ ٻڏڻ ۽ ٻين واقعن ۾ 6 زخمي ۽ 6 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ايس آءِ ايف سي ۽ عالمي بئنڪ وچ ۾ ڪاروباري سڌارن سان سهڪاري وڌائڻ لاءِ اتفاق

پاڪستان بزنس پورٽل ذريعي ڪاروباري قانون آسان بڻائڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون

سڌارن جو مقصد ضابطا، جاتي عمل آسان ۽ ڪاروباري ادارن تي بار گهٽائڻ آهي: اڳواڻ

اسلام آباد (اي پي پي) خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل ۽ عالمي بئنڪ جي حصيداري سان ڪاروباري سڌارن بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ پوليو مهم جاري، 2 ڪروڙ 81 لک ٻارن جي ويڪسينيشن مڪمل

مهم جي پهرين ڇهن ڏينهن ۾ 2 ڪروڙ 81 لک کان وڌيڪ ٻارن کي ڦڙا پيئاريا ويا

سنڌ جي 30 ضلعن ۾ هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ٻارن جي ويڪسينيشن ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ جي چونڊ ضلعن ۾ پوليو جي روڪٿام واري خاص مهم ستين ڏينهن به جاري رهي پهرين بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

غزه جي صورتحال تي وزيراعظم شهباز شريف جو خطاب عالمي ضمير اڏو اهم آواز قرار

وزيراعظم فلسطيني عورتن، ٻارن ۽ بزرگن تي ٿيندڙ ظلمن کي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ اجاگر ڪيو

پاڪستان جي وزيراعظم جي ٻارڙن بابت خطاب کي سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم شهباز شريف جي غزه ۾ معصوم ٻارن جي شهادت تي دل ڏڪوئيندڙ لفظن فلسطين رياست جي سوشل ميڊيا پليٽ فارم اسٽيٽ آف فلسطين تي نمايان ڌيان حاصل ڪري بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نامياري واپاري حمزه تاباني گورنر هائوس ۾ ٿيل تقريب ۾ سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي گورنر نهال هاشمي پڻ موجود آهي

صدر زرداري پاران بلوچستان ۾ 71 دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

جاري آپريشن دوران دهشتگردن جا ڪيترائي ٺڪاڻا ڪليئر ڪرڻ وڏي ڪاميابي آهي: آصف زرداري

پرڏيهي سرپرستي ۽ سهڪار سان ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ ڪارروائيون جاري رهنديون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

صدر پاران نئين آبدوز هنگور جي ڪامياب لائيو ويپن فائرنگ تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين

جديد جنگي صلاحيتن سان ليس پاڪ بحريه سامونڊي حدن جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري پئي

سامونڊي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافو موثر دفاع ۽ خطي ۾ امن جي قيام جي عزم جي عڪاسي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري پاڪ بحريه جي نئين آبدوز هنگور جي پهرين ڪامياب لائيو بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

عورتن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو: بلاول ڀٽو زرداري

پ پ چيئرمين پاران پاڪستاني فائيٽر منيشه علي جي شاندار ڪاميابي تي مبارڪباد پيش

گلگت بلتستان جي سر زمين جي ڌيءَ عالمي سطح تي پاڪستان جو جهنڊو بلند ڪيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري انڪولا ۾ ٿيل انٽرنيشنل مڪسڊ مارشل آرٽس فيڊريشن ورلڊڪپ ۾ پاڪستاني فائيٽر منيشه علي جي شاندار ڪاميابي تي ڪيس بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ٽنڊو يوسف جي علائقي ۾ عورتون ٻارڻ لاءِ سڪايل ڇيڻا ڳڏ ڪري کڻي وڃي رهيون آهن

غزه ۾ اسرائيلي فوج جي ڪيمپن تي فائرنگ، 7 فلسطيني شهيد، 38 زخمي

شيخ رضوان ۽ نصيرات پناهگير ڪيمپ تي اسرائيلي فوج شديد فائرنگ ڪئي

شهيدن ۾ ٻيل فلسطينين جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، عورتون ۽ ٻارڙا به شامل

غزه (اي پي پي) غزه ۾ 48 ڪلاڪن دوران اسرائيلي حملن ۾ 7 فلسطيني شهيد ۽ 39 زخمي ٿي پيا. ميڊيا رپورٽن موجب فلسطين بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ بس ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر بعد باهه لڳي وئي، 9 ڄڻا فوت، 5 زخمي

آريان شهر کان بيرجند ڪائونٽي ويندڙ روڊ ٿيل حادثي ڪانپوءِ بس ۾ باهه لڳي وئي

ريسڪيو ٽيمون موقعي تي پهچي ويون، فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

تهران (اي پي پي) ايران جي اتر صوبي خراسان ۾ بس ۽ ٽرڪ وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 9 ماڻهو فوت ۽ 5 زخمي ٿي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ ۾ پارٽي پرڏيهي وزير جي تقرير دوران ڪشميرين جو مظاهرو

گڏيل قومن جي هيڊڪوارٽرز ٻاهران اتي رهندڙ ڪشميرين پاران ڀرپور احتجاج ڪيو ويو

عالمي اداري کان ڪشمير مسئلي بابت پنهنجي قراردادن تي عملدر آمد جو مطالبو

نيويارڪ (اي پي پي) پارٽي پرڏيهي وزير جي تقرير دوران گڏيل قومن جي هيڊڪوارٽرز ٻاهران اتي رهندڙ ڪشميرين بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جي جنازي نماز ادا، سلامي پيش

آخري رسمن ۾ آءِ جي، ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين آفيسرن ۽ وارثن شرڪت ڪئي

ڪانسٽيبل وهاب خٽڪ جوابدارن خلاف ڪارروائي دوران فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهيد پوليس ڪانسٽيبل وهاب خٽڪ جي جنازي نماز سائوٿ هيڊڪوارٽر ۾ سرڪاري اعزاز سان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جي 16 مائونٽينيئرز بنيادي تربيت مڪمل ڪري ورتي، تقريب منعقد

رزاق آباد پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ اهلڪارن کي جبلن ۾ بچاءُ ۽ امدادي ڪاروائين جي تربيت ڏني وئي

ڊي آءِ جي فيض الله ڪوريجو پاران تربيت مڪمل ڪندڙ مائونٽينيئرز کي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس مائونٽينيئرنگ ٽيم جي بنيادي مائونٽينيئرنگ ڪورس جي ڪامياب تڪميل جي موقعي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي وڏي وزير پاران پاڪ بحريه جي قيادت کي آبدوز پهرين ڪامياب تجربي تي مبارڪباد

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران راولپنڊي اسلام آباد بيورو جرنلسٽ ايسوسيئيشن جي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو وزير پاران آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي ڏاڏي جي پاڻ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار آءِ جي سنڌ جاويد عالم بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن قومي عزم ۽ سيڪيورٽي فورسز جي مهارت جو ثبوت آهن: سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني بلوچستان ۾ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

لاهور: مال روڊ تي پراڻن ڪتابن جي اسٽالن تان خريداري ڪئي پئي وڃي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوري قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي: شهباز شريف

پاڪستان جي سرزمين تان غير ملڪي سرپرستي ۽ معاونت سان ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو اسان جو عزم آهي

آپريشن عزم استحڪام تحت دهشتگردي خلاف ڪارروائيون پوري قوت ۽ عزم سان جاري رهنديون

وزيراعظم پاران بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۾ پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

هائر ايجوڪيشن ڪميشن پاران محققن لاءِ ايڇ اي سي ريسرچ ايوارڊ جو اعلان ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) هائر ايجوڪيشن ڪميشن محققن لاءِ ايڇ اي سي ريسرچ ايوارڊ 2026-27ع جو اعلان ڪري ڇڏيو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي سياحت معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي: يوسف رضا گيلاني

اسان جا قدرتي، تاريخي ۽ ثقافتي ماڳ عالمي سياحن لاءِ قيمتي اثاثو آهن: سينيٽ چيئرمين

سياحت جي ترقي سان روزگار جا نوان موقعا ۽ مقامي آبادي جي معاشي خوشحالي ايندي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته سياحت پاڪستان جي تقدير بدلائڻ ۽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽريفڪ ۽ پاڻي جا مسئلا حل ڪري رهيا، جلد نيون بسون هلايون وينديون: شرجيل ميمڻ

ريڊ لائن بي آر ٽي جي موسميات فلاءِ اوور جو افتتاح ڪيو ويو ٻن ڏينهن اندر عوام لاءِ کولڻ جو اعلان

موسميات فلاءِ اوور ريڊ لائن منصوبي جو اهم حصو آهي، يونيورسٽي روڊ جو ڪم پڻ مڪمل ٿي چڪو آهي

مهانگائي باوجود منصوبي تي ڪم جاري رکيو ويو، ايم ڪيو ايم وارا سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ريڊ لائن بي آر ٽي منصوبي جي اهم حصي موسميات فلاءِ اوور جو افتتاح ڪري بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ موسميات فلائي اوور جو افتتاح ڪري رهيو آهي

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ يا وڏي وزير جي تبديلي تي غور، پي ٽي آءِ جي حڪمت عملي به تيار

وفاق ۽ ڪي پي حڪومت وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب صوبي ۾ غير يقيني واري سياسي صورتحال پيدا ٿي وئي

حڪومت صوبي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ واري آپشن تي غور ڪري رهي آهي: ذريعا

تحريڪ انصاف طرفان به اسيمبلي ٽوڙڻ يا وڏي وزير جي تبديلي لاءِ مختلف آپشنز تي صلاح مشورا شروع

اسلام آباد (م د) وفاق ۽ خيبرپختونخوا حڪومت وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب صوبي ۾ غير يقيني واري سياسي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جنهن جي وفاق طرفان صوبي ۾ گورنر راڄ سميت مختلف آپشنز تي غور ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) پڻ جوابي ڪارروائي لاءِ حڪمت عملي طئي ڪري ورتي آهي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڊجيٽل ننانس کي هٿي وٺرائڻ لاءِ عالمي سطح تي ڪردار ادا ڪري پيو: بلال بن ثاقب

گلوبل سائوٿ کي ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ فيصلا سازي جو حصو بڻجڻو پوندو: مملڪتي وزير

گڏيل قومون (اي پي پي) ورچوئل اثاثن بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ کي محفوظ عالمي سياحتي منزل بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا ويندا: وڏو وزير

سنڌو ماٿري جي تهذيب، موهن جو دڙو رني ڪوٽ، مڪلي، گورک هل، ڪارونجهر سياحت جا اهم مرڪز آهن

سياحت کي هٿي ڏيڻ سان مقامي معيشت مضبوط، نوجوانن لاءِ روزگار ۽ ڪاروبار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا

ڊجيٽل پليٽ فارمن ۽ مصنوعي ذهانت ذريعي سنڌ جي سياحتي ماڳن کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي سياحت واري ڏهاڙي جي موقعي تي سڄي دنيا جي سياحن کي واڌايون ڏيندي چيو آهي ته سنڌ قدرتي حسن، قديم تهذيب، شاندار تاريخي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين مسقط پهچي ويو، پاڪستاني سفير ۽ ڪاروباري شخصيتن پاران آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران پاڪ بحريه جي ايم هنگور جي لائيو ويپن فائرنگ جي پهرين ڪامياب تجربي تي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪ بحريه ۽ ان جي قيادت بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

شنگهائي: ورلڊ اسڪلز مقابلي ۾ حصو وٺندڙ پاڪستاني نوجوان نيوٽيڪ جي چيئرمين انجنيئر قمر الاسلام راجا سان گڏ بيٺل آهن

تحريڪ ختم نه پر ملتوي ڪئي آهي مطالبا نه مڃيا ويا ته سپر لانگ مارچ ڪنداسين: حافظ نعيم الرحمان

پيٽروليم ليوي، مهانگي بجلي، آءِ پي پيز معاهدن ۽ مهانگائي خلاف احتجاجي تحريڪ جاري آهي

جماعت اسلامي جو ڪو ذاتي ايجنڊا ناهي، اسان جي جدوجهد صرف عوام جي حقن لاءِ آهي

پيٽروليم ليوي مڪمل طور ختم ڪئي وڃي، آءِ پي پيز جي معاهدن تي نظرثاني ڪئي وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته پيٽروليم ليوي، مهانگي بجلي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

گمبٽ: گمبٽ اسپتال ۾ جيري جو آپريشن ڪيل افغان ٻارڙي

ڪراچي ۾ ريجنل ڊراما فيسٽيول اڄ شروع، علائقائي ٻولين جا ڊراما پيش ٿيندا

ڊرامن ذريعي مختلف علائقن جي ثقافت، روايتن ۽ سماجي مسئلن کي اجاگر ڪيو ويندو

ٿيٽر فيسٽيول نئين نسل کي ٻولي ۽ ثقافت سان جوڙڻ لاءِ اهم آهي: محمد احمد شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي اهتمام هيٺ ريجنل ڊراما فيسٽيول 2026ع جو آغاز 28 بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني پارلياماني وفد جو بيلاروس جو دورو پڄاڻي تي پهتو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي قيادت ۾ پارلياماني وفد جو جمهوريه بيلاروس جو بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڀتا خورن خلاف رينجرز ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي، 3 مبينا جوابدار گرفتار

ميوه شاهه ويجهو ڪارروائي دوران به جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ۽ هڪ کي بنا مزاحمت پڪڙيو ويو

لياري گينگسٽر گروهن سان لاڳاپيل جوابدار ڀتا خوري ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي وارداتن ۾ ملوث آهن: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ايس آءِ يو پوليس پاران ڳجهي اطلاع جي بنياد تي سائيٽ ٽائون جي ميوه شاهه قبرستان واري علائقي ۾ ڀتا خورن خلاف گڏيل ڪارروائي ڪئي وئي، فائرنگ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

صحافي عظيم سيال جي اغوا واقعي جو گهرو وزير نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي کان رپورٽ طلب ڪئي

مغوي جي ڪار پنوعاقل پرسان سنڌوجا واري علائقي مان ملي، وارثن کان پنگ طلب ڪيو ويو

اغواڪارن عظيم سيال جي موبائل تان فون ڪرائي هڪ ڪروڙ رپيا پنگ طلب ڪيو آهي: وارث

واقعي خلاف مختلف شهرن ۾ صحافين پاران احتجاجي مظاهرا ۽ ڌرڻا محفوظ بازيابي جو مطالبو

خانپورمهر (رپورٽ: سري چند ڪهور) خانپورمهر شهر ۾ پنهنجي آفيس مان ڪار تي گهر ڊاهن روانو ٿيل هو خانپورمهر صحافي عظيم سيال گڏريل رات دير سان پرسان نرو ٻاغ ۽ چوڪ وٽ هٿياربندن ڪيس بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر: اغوا ٿيل صحافي عظيم سيال جي ڪار ٻئي طرف پوليس جي نگراني ۾ پيرا کنيا پيا وڃن

پوليس جي وڏي نفري پاران پنوعاقل ڪچي بازيابي لاءِ سرچ آپريشن

ايس ايس پي سکر پاران صحافي کي 24 ڪلاڪن اندر بازياب ڪرائڻ جي اميد ظاهر

خانپورمهر: ايس ايس پي سکر ۽ ايس ايس بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

مختلف شهرن جا صحافي ڪچي پهچي ويا، عظيم جي بازيابي لاءِ ڪوششون

خانپورمهر: خانپورمهر جا صحافي ۽ ٻين علائقن جا ساٿي وڏي انگ ۾ ڪڏين سنڌوجا ۽ ڪچي واري علائقي ۾ پهچي ويا آهن ۽ عظيم سيال جي بازيابي لاءِ ڪوششون جاري

عظيم سيال جي اغوا سبب سنڌس گهر ۾ روڄ راڙو متل

وارثن ۽ صحافي برادري پاران مغوي کي محفوظ ۽ خيريت سان بازياب ڪرائڻ جو مطالبو

خانپورمهر: عظيم سيال جي اغوا سبب بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني نوجوانن پاران ورلڊ اسڪلز مقابلي ۾ شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو

مدثر حسين اليڪٽريڪل انسٽاليشن، محمد محبوب ڪوڪنگ ۽ نبيل عارفين ميمڻ گرافڪ جي مقابلي شريڪ

نيوٽيڪ جي چيئرمين انجنيئر قمر الاسلام راجا پاڪستاني وفد جي نوجوانن جي حوصلا افزائي ڪئي

ورلڊ اسڪلز مقابلي ۾ 70 کان وڌيڪ ملڪن ۽ علائقن جي نوجوان ماهر ڪاريگرن شرڪت ڪئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم پاڪستان محمد شهباز شريف جي ويزن تحت پاڪستاني نوجوانن کي عالمي سطح تي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا موقعا فراهم ڪرڻ جون ڪوششون رنگ لائي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | روزاني عبرت

ذريعي پاڪستان ۾ ڪاروباري ماحول ۽ سيڙپڪاري کي همٿائڻ لاءِ قدم جاري آهن جڏهن ته ايس آءِ ايف سي جي سهولتڪاري سان سڌارا جاري آهن ان سلسلي ۾ سيڪريٽري ايس آءِ ايف سي عالمي بئنڪ جي وفد سان اهم ملاقات ڪئي ملاقات ۾ آسان ڪاروبار فريم ورڪ ۽ پاڪستان بزنس پورٽل ذريعي ڪاروباري قانون آسان بڻائڻ تي ڳالهيون ڪيون عالمي بئنڪ ايس آءِ ايف سي جي جامع طريقيڪار کي ساراهيندي مسلسل تعاون جي خاطري ڪرائي سڌارن جو مقصد ضابطہ جاتي عمل آسان ڪاروباري ادارن تي بار گهٽائڻ ۽ ڪاروباري سرگرميون وڌيڪ آسان بڻائڻ آهي

بقايا | 2 | روزاني عبرت

ڇهن ڏينهن ۾ هن وقت تائين 2 ڪروڙ 81 لک کان وڌيڪ ٻارن جي ويڪسينيشن مڪمل ڪئي وئي نيشنل ايمرجنسي آپريشنز سينٽر (اين اي او سي) مطابق مهم جي پهرين ڇهن ڏينهن ۾ 2 ڪروڙ 81 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا آهن اين اي او سي مطابق پنجاب جي چوڏنهن ضلعن ۾ اٽڪل 78 لک 92 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جي ڦڙا پياريا ويا آهن سنڌ جي 30 ضلعن ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ 69 هزار ٻارن خيبرپختونخوا جي 37 چوڏنهن ضلعن ۾ 71 لک 74 هزار کان وڌيڪ بلوچستان جي 32 چوڏنهن ضلعن ۾ 22 لک 88 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا آهن اهڙيءَ طرح اسلام آباد ۾ 4 لک 43 هزار کان وڌيڪ جڏهن ته گلگت بلتستان جي 2 چوڏنهن ضلعن ۾ اٽڪل هڪ لک 40 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا آهن اين سي او سي والدين کي اپيل ڪئي آهي ته آهي پنهنجن پنجن سالن جي عمر تائين جي هر ٻار کي پوليو روڪٿام مهم دوران ڦڙا لازمي پيارڻ ته جيئن ٻارن کي ان موذي مرض کان محفوظ رکي سگهجي

بقايا | 3 | روزاني عبرت

ورتو آهي وزيراعظم فلسطيني عورتن ٻارن ۽ بزرگن تي ڪيل ظلمن کي عالمي ضمير سامهون اجاگر ڪيو آهي فلسطين رياست وزيراعظم محمد شهباز شريف جي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب دوران غزه ۾ معصوم ٻارن جي شهادت تي دل ڏکوئيندڙ لفظن کي پنهنجي آفيشل سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي نمايان ڪندي قرارڏنو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف فلسطيني عورتن ٻارن ۽ بزرگن تي ڪيل ظلمن کي عالمي ضمير آڏو ڀرپور انداز ۾ اجاگر ڪيو فلسطيني رياست جي سوشل ميڊيا تي آفيشل ايڪس اڪائونٽ "اسٽيٽ آف فلسطين" مطابق هندرجب ۽ وفا عقيل سميت فلسطيني ٻارن جي شهادتن جو ذڪر وزيراعظم محمد شهباز شريف جي خطاب جو اهم حصو رهيا فلسطين رياست چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف غزه جي ٻارن جي زندگي جي حق ۽ بهتر مستقبل ۽ خوابن جي تعبير جو سوال عالمي برادري سامهون اٿاريو هن پنهنجي خطاب ۾ فلسطين جو خاص ذڪر ڪيو وزيراعظم پنهنجي خطاب ۾ چيو ته نسل کان نسل تائين فلسطيني عوام خاص ڪري عورتن ٻارن ۽ بزرگن کي قبضي بيدخلي مصيبتن ۽ موت جي منهن ڏيڻو پيو آهي گذريل سال مان هندرجب نالي هڪ معصوم فلسطيني ٻارڙي جي دل ڏکوئيندڙ داستان بيان ڪئي هئي جنهن کي اسرائيلي فوجين بي دردي سان گوليون هڻيون هلندڙ سال هڪ ٻيو سانحو اسان جي دلين ۽ سموري دنيا جي دل تي بار بڻجي ويو آهي 8 سالن جي وفا عقيل جي ماءُ جي دل ڏکوئيندڙ رڙيون آهن جنهن ان بي مقصد جارحيت ۾ پنهنجي حياتي وڃائي ، جنهن ڏينهن وفا عقيل لاءِ اسڪول جو پهريون ڏينهن هجڻ گهرجي افسوس سان اهو ان جي زندگي جو آخري ڏينهن بڻجي ويو هن سوال ڪيو ته ڇا غزه ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار يا دنيا جي ڪنهن ٻئي خطي ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار وانگر زندگي، مستقبل ۽ خواب ڏسڻ جو حق نٿو رکي؟ وزيراعظم چيو ته هند رجب، وفا عقيل ۽ اهڙين ٻين ساٿين جا ذڪ تاريخ ۾ اسان اجتماعي خاموشي، ناڪامي ۽ بي عملي خلاف فرد جرم طور گونجندا رهندا.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

ڪئي جيڪي مقامي آبادين لاءِ خطرو بڻيل هئا آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز تصديق ٿيل ڳجهي اطلاع جي بنياد تي 21 سيپٽمبر 2026ع تي زيارت ۽ پرياسي جي علائقن ۾ دهشتگردن خلاف تيز رفتار آپريشن جي شروعات ڪئي آهي آپريشن شعبان دوران سيڪيورٽي فورسز جو دهشتگردن سان ديدو مقابلو ٿيو ۽ سندن ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو ويو شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هن وقت تائين ڀارت جا حمايت يافته 33 دهشتگرد مارجي چڪا آهن جڏهن ته هٿيار گولا بارود ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ ڪيو ويو آهي آءِ ايس پي آر موجب گذريل 72 ڪلاڪن دوران آپريشن ۾ تيزي آندي وئي جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ 23 دهشتگرد ماريا ويا سيڪيورٽي فورسز هڪ وسيع علائقي کي ڪليئر ڪرايو ۽ مقامي آبادي کي فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جي خطري کان نجات ڏياري آهي ڪليئرنس آپريشن خطري جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندا آءِ ايس پي آر موجب 25 سيپٽمبر 2026ع تي نوشڪي ضلعي ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي هڪ ٻئي آپريشن ۾ سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي موثر طريقي سان نشانو بڻايو ۽ ڀارتي حمايت يافته 11 دهشتگردن کي جهنم پهچائي ڇڏيو اهڙيءَ طرح منڊ جي علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز فتنہ الهندستان جي 6 دهشتگردن کي ڪاميابي سان ماري وڌو مقدار ۾ هٿيار ۽ بارود هٿ ڪري ورتو ۽ پاڪ فوج جي جاري آپريشن تحت گذريل 96 ڪلاڪن دوران آپريشن شعبان ۽ بلوچستان جي ٻين علائقن ۾ 71 کان وڌيڪ دهشتگرد ماريا ويا آهن جنهن سان ڀارت جي حمايت يافته افغان دهشتگردن کي شديد ڌڪو پهتو آهي نيشنل ايڪشن پلان تي وفاقي ايپيڪس ڪميٽي منظور ڪيل "عزم استحڪام" جي ويزن تحت دهشتگردي خلاف مهم پوري عزم سان جاري رهندي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ حمايت يافته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن

بقايا | 5 | روزاني عبرت

ڪندي چيو ته ايران جنگ ۾ ڪامياب رهيو آهي پر ان ڪاميابي کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي سندس چوڻ هو ته مخالف ڌر کي سخت نقصان پهتو آهي پر ايراني فوج کي مستقبل ۾ ڪنهن به امڪاني حملي جو جواب ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو ايراني آرمي چيف وڌيڪ چيو ته ايران اهڙو ملڪ آهي جيڪو آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف بيٺل آهي جڏهن ته ايراني عوام پنهنجي خودمختياري ۽ سلامتي جي دفاع جو مظاهرو ڪيو آهي هن چيو ته ايران ڪنهن به باهرين دٻاءُ يا خطي ۾ طاقت جي استعمال کي قبول نه ڪندو امير حاتمي جو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي جڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي، آبنائي هرمز ۽ سفارتي رابطن بابت صورتحال غير يقيني جو شڪار آهي تازو ايراني اختيارين چيو هو ته مسقط ۽ ٻين ثالثن ذريعي آمريڪا تائين هرمز ٻيهر کولڻ ۽ جنگ ختم ڪرڻ بابت تجويزون پهچايون ويون آهن جڏهن ته تهران کي واشنگٽن جي جواب جو انتظار آهي ٻئي طرف ايراني فوج جي ترجمان محمد اڪرمينيا چيو آهي ته ايراني هٿياربند فوجون آمريڪا طرفان ڪنهن به امڪاني نئين حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن سندس چوڻ موجب جيڪڏهن آمريڪا ٻيهر حملو ڪيو ته ان کي وڌيڪ نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو آبنائي هرمز بابت هن ٻڌايو ته هن ڪرائي جو اهم مرڪز بڻيل آهي امير حاتمي چيو ته ايران اهڙي صورتحال قبول نه ڪندو جنهن ۾ ملڪ ڇاڻ واپار نه ڪري سگهي جڏهن ته ٻيون طاقتون خطي جا اهم سامونڊي رستا استعمال ڪنديون رهن سندس چوڻ موجب هرمز ايران جي عزت ۽ خودمختياري سان ڳنڍيل معاملو آهي

بقايا | 6 | روزاني عبرت

سرڪاري ميڊيا سان ڳالهائيندي ابوالفضل شڪارچي چيو ته ايران غير متناسب جنگي حڪمت عملي ۽ مقامي سطح تي تيار ٿيندڙ دفاعي ٽيڪنالاجي تي وڌيڪ ڌيان ڏئي پنهنجي فوجي صلاحيتن ۾ اضافو ڪيو آهي سندس چوڻ موجب ايراني هٿياربند فوجون هن وقت "تمام بهتر حالت" ۾ آهن ايراني فوج جي ترجمان دعويٰ ڪئي ته ايران جا ميزائل ۽ ڊرون اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جديد ۽ طاقتور ٿي چڪا آهن سندس مطابق ايران ڪنهن به امڪاني دشمن ڪارروائي جي صورت ۾ ڪجهه "سرپرائز" تيار ڪري رکيا آهن ۽ ڪنهن به جارحيت جو جواب نئين فوجي ٽيڪنالاجي ذريعي ڏنو ويندو شڪارچي ٻڌايو ته ايران جي غير متناسب جنگي حڪمت عملي جو بنيادي مقصد گهري ۽ مهانگي هٿيارن جو مقابلو نسبتاً گهٽ خرچ ۾ اثرائتي ۽ عملي دفاعي سامان ذريعي ڪرڻ آهي سندس چوڻ موجب ان ئي حڪمت عملي سبب ايراني فوجن پنهنجي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافو ڪيو آهي ايراني عهديدار جو اهو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي جڏهن ايران آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ خطي ۾ جاري ڇڪتاڻ سبب فوجي ٽڪراءُ جو خطرو برقرار آهي جڏهن ته شڪارچي جي بيان ۾ ڪنهن مخصوص نئين هٿيار يا فوجي ٽيڪنالاجي جا تفصيل بيان نه ڪيا ويا آهن

بقايا | 7 | روزاني عبرت

وقار مهدي ۽ سينيٽر عبدالقادر فلپائن جي دوري تي منيلا روانا ٿي ويا جتي هو فورم آف فيڊريشنز جي اهتمام هيٺ ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندا منيلا ۾ ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس 28 ۽ 29 سيپٽمبر تي منعقد ٿيندي جنهن ۾ سينيٽر وقار مهدي ۽ سينيٽر عبدالقادر تي ٻڌل سينيٽ جو ٻه رڪني وفد پاڪستان جي نمائندگي ڪندو ڪانفرنس ۾ پاڪستان سميت مختلف ملڪن جا پارلياماني ۽ سرڪاري وفد شرڪت ڪندا جڏهن ته وفاقي نظام، وفاقن ۽ مختلف ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپيل معاملن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي

بقايا | 8 | روزاني عبرت

لاکو خلاف اختيارن جي مبينا غلط استعمال، فارما ڪمپنين کي هراسان ڪرڻ ۽ غيرقانوني مطالبن جي الزامن بابت شڪايت ڪاٽيءَ سنڌ جي صحت کاتي ڪارروائي ڪندي غلام علي لاکو کي سندس موجوده ذميوارين تان فارغ ڪري ڇڏيو غلام علي لاکو کي صحت کاتي کي رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، جڏهن ته سندس جاءِ تي چيف انسپيڪٽر آف ڊرگز سنڌ جو اضافي چارج پڻ هو جيڪو واپس ورتو ويو آهي سنڌ جي صحت کاتي جي سيڪريٽري طاهر حسين سانگي غلام علي لاکو کي موجوده ذميوارين تان فارغ ڪرڻ جو باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ کيس صحت کاتي کي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا | 9 | روزاني عبرت

بليڪ ميلنگ، هراساني ۽ منظم سائبر ڪرائيم نيٽ ورڪس خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي وڃي اها هدايت هن نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي سينٽرل زون هيڊ ڪوارٽرز جي دوري جي موقعي تي سائبر ڪرائمز خلاف جاري آپريشنز ۽ تحقيقات جي جائزي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي هن شڪايت سيل، فرانزڪ ليب ۽ انويسٽيگيشن ونگ جو معائنو ڪيو ۽ شهرين جون شڪايتون داخل ٿيڻ کان وٺي جاچ ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي تائين سموري نظام جو جائزو ورتو اجلاس ۾ آن لائين مالياتي فراڊ، هراساني ۽ منظم سائبر ڪرائيم نيٽ ورڪس خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو وفاقي گهرو وزير چيو ته سائبر ڪرائيم ڪندڙ جتي به هجي ان کي قانون جي پڪڙ ۾ آڻڻو آهي هن هدايت ڪئي ته مالياتي فراڊ جي شڪايت ملندي ئي فوري رسپانس جو نظام موثر بڻايو وڃي ته جيئن لاڳاپيل ادارن سان وقت سر رابطي ذريعي متاثر شهري جي رقم کي محفوظ بڻائڻ ۽ جوابدارن تائين پهچڻ جا امڪان وڌائي سگهجن محسن نقوي چيو ته شهرين کي شڪايت داخل ڪرائڻ کان پوءِ مهينن تائين انتظار نه ڪرڻ گهرجي هر شڪايت تي وقت سر اڳڀرائي نظر اچڻ گهرجي هن التوا هيٺ ڪيسن ۽ شڪايتن جو ڪيس ٽو ڪيس جائزو وٺڻ ۽ غير ضروري دير ختم ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وفاقي گهرو وزير ڊجيٽل فرانزڪ جي صلاحيت وڌائڻ جديد فرانزڪ ٽولز جي استعمال ۽ جاچ آفيسرن جي خصوصي تربيت تي زور ڏيندي چيو ته سائبر ڪرائيم جي نون طريقن جو مقابلو روايتي جاچ سان نه پر جديد ٽيڪنالاجي ۽ تربيت يافته افرادي قوت سان ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته اين سي سي آءِ اي کي حقيقي معنيٰ ۾ پاڪستان جي سائبر پوليس بڻائڻو آهي جيڪا جديد ٽيڪنالاجي ذريعي شهرين کي ڊجيٽل دنيا ۾ تحفظ فراهم ڪري هن شهرين جي ڊيٽا، پرائيويسي ۽ مالي مفادن جي تحفظ کي اين سي سي آءِ اي جي بنيادي ذميواري قرار ڏيندي چيو ته ان مقصد لاءِ اداري کي جديد ٽيڪنالاجي ضروري وسيلا ۽ تربيت فراهم ڪئي پئي وڃي وفاقي گهرو وزير عورتن ۽ ٻارن کي درپيش آن لائين هراساني، بليڪ ميلنگ ۽ ڊجيٽل استحصال بابت شڪايتن کي خاص ترجيح ڏيڻ جي هدايت ڪئي هن سائبر ڪرائيم کان بچاءُ لاءِ عوامي آگاهي مهم موثر بڻائڻ ۽ شهرين کي آن لائين فراڊ جي نون طريقن کان وقت سر آگاهه ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. ان موقعي تي ڊي جي اين سي سي آءِ اي وفاقي وزير کي سينٽرل زون جي ڪارڪردگي جاچ هيٺ ڪيسن سائبر فراڊ جي رجحانن ۽ جاري ڪارروائين بابت بريفنگ ڏني اجلاس ۾ ڊي جي ايف آءِ اي، آءِ جي اسلام آباد پوليس، ڊائريڪٽر ايف آءِ اي لاهور زون ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار به موجود هئا

بقايا | 10 | روزاني عبرت

جي بنيادي جمهوري حق جي پختي توثيق ڪندي ان يقين جو اظهار ڪيو آهي ته حڪومت، ميڊيا، سول سوسائٽي، تعليمي ادارا، ٽيڪنالاجي جا ماهر ۽ شهري گڏجي ڄاڻ جي صحت ۽ صداقت جي تحفظ ۽ هڪ باخبر ذميوار ۽ شفاف معاشري جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب اهڙو اظهار وزيراعظم محمد شهباز شريف ڄاڻ تائين رسائي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو جيڪو اڄ سومر تي ملهايو پيو وڃي هن چيو ته پاڪستان اڄ دنيا سان هم آواز ٿي ڄاڻ تائين پهچ جي عالمي ڏهاڙي تي ڄاڻ جي شهرين تائين رسائي ۽ ادارن طرفان ان جي فراهمي ۽ ڏي وٺ جي بنيادي جمهوري حق جي عزم جي پختي توثيق ڪري ٿو هن سال اهو عالمي ڏينهن "ڊجيٽل دور ۾ ڄاڻ جي صحت ۽ صداقت جو تحفظ: معلوماتي انتشار کي منهن ڏيڻ ۾ معلومات تائين رسائي جو ڪردار" جي عنوان سان ملهايو پيو وڃي وزيراعظم چيو ته اهو موضوع بجا طور ڄاڻ جي دستيابي کي درپيش هڪ اهم مسئلي جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ۾ غلط ۽ گمراهه ڪندڙ ڄاڻ جي پکيڙ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلا شامل آهن هن چيو ته ڄاڻ تائين رسائي جو بنيادي حق ۽ شفاف جوابده ۽ باخبر معاشري جو بنياد آهي عوام کي درست، وقت سر ۽ قابل اعتماد ڄاڻ جي فراهمي نه صرف رياستي ادارن جي ذميواري آهي پر هي شهرين کي باخبر فيصلا ڪرڻ ۽ قومي معاملن ۾ موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿي وزيراعظم چيو ته اڄ جي ڊجيٽل دور ۾ ٽيڪنالاجي ۽ سوشل ميڊيا ڄاڻ تائين پهچ کي اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آسان بڻائي ڇڏيو آهي جڏهن ته اڻ تصديق ٿيل گمراهه ڪندڙ ۽ ڪوڙي ڄاڻ جو تيزي سان پکڙجڻ هڪ سنگين چئلينج بڻجي چڪو آهي غلط ۽ گمراهه ڪندڙ ڄاڻ جي پکيڙ معاشري ۾ بي يقيني پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ عوام جي اعتماد کي به متاثر ڪري سگهي ٿي ان صورتحال ۾ ڄاڻ تائين رسائي جو حق وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويو آهي وزيراعظم چيو ته تصديق ٿيل ۽ اعتماد جوڳي ڄاڻ جي وقت سر فراهمي،شفافيت، حقيقتن جي جاچ ۽ ذميوارانہ ميڊيا ذريعي معلوماتي انتشار جو موثر مقابلو ڪري سگهجي ٿو وزيراعظم چيو ته پاڪستان حڪومت عوام کي درست ۽ تصديق ٿيل ڄاڻ جي فراهمي، شفافيت کي هٿي وٺرائڻ ۽ ڄاڻ تائين پهچ جي حق جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي اسان جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل ذريعن کي ڪم آڻيندي رياستي ادارن ۽ عوام وچ ۾ موثر رابطي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون وزيراعظم چيو ته ڄاڻ تائين رسائي جي عالمي ڏهاڙي جو موقعو اسان کان ان عزم جي تجديد جي تقاضا ڪري ٿو ته اسان اهڙو ڊجيٽل ۽ معلوماتي ماحول جوڙيون جتي هر شهري کي درست، اعتماد جوڳي ۽ وقت سر ڄاڻ تائين آسان پهچ حاصل هجي ۽ ڪوڙي ۽ گمراهه ڪندڙ ڄاڻ جي پکيڙ جي روڪٿام لاءِ اجتماعي ذميواري جو مظاهرو ڪيو وڃي وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل 19 (اي) سمورن شهرين کي عوامي اهميت جي معاملن ۾ ڄاڻ تائين پهچ جي ضمانت ڏئي ٿو ان آئيني ضمانت کي قانون سازي ۽ اداره جاتي انتظامن ذريعي شهرين لاءِ ڄاڻ جي حاصلات جي موثر نظام ۾ اختيار ڪيو ويو آهي وزيراعظم چيو ته پاڪستان انفارميشن ڪميشن شهرين جي حق جي رسائي کي يقيني بڻائڻ جو فورم آهي، جيڪو شهرين جي لاڳاپيل شڪايتن جو ازالو به ڪري ٿو سرڪاري آفيسن ۽ ادارن جي رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ ۽ انهن جي رسائي کي آسان بڻائڻ لاءِ ڊيجيٽلائيزيشن جو عمل پڻ جاري آهي وزيراعظم چيو ته مون کي يقين آهي ته حڪومت، ميڊيا، سول سوسائٽي، تعليمي ادارا، ٽيڪنالاجي جا ماهر ۽ شهري گڏجي ڄاڻ جي صحت ۽ صداقت جي تحفظ ۽ باخبر ذميوار ۽ شفاف معاشري جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

بقايا | 11 | روزاني عبرت

نورستان بابت افغان طالبان حڪومت جا الزام بي بنياد قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيا آهن. ان حوالي سان اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت چيو آهي ته پاڪستان جو نورستان يا افغانستان ۾ ڪنهن به اندروني جهيڙي سان ڪو تعلق ناهي وزارت موجب پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز ۽ انٽيليجنس ادارن جي ملوث هجڻ جا دعوائون من گهڙت آهن جڏهن ته اڳوڻن افغان اهلڪارن جي ڀرتي يا تربيت ۽ داعش سميت ڪنهن به دهشتگرد گروهه جي سهولتڪاري جا الزام پڻ رد ڪيا وڃن ٿا اطلاعات واري وزارت چيو آهي ته پاڪستان جي ملوث هجڻ جو ڪو به قابل تصديق ثبوت پيش نه ڪيو ويو آهي الزامن جي حق ۾ ڪنهن جي سڃاڻپ، دستاويز رابطن جا رڪارڊ يا فرانزڪ ثبوت پڻ فراهم نه ڪيا ويا آهن وزارت موجب سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ مبينا وڊيو پڻ پاڪستان سان ڪنهن به تعلق کي ثابت نٿي ڪري وزارت وڌيڪ چيو ته گڏيل قومن جون مسلسل رپورٽون افغانستان ۾ دهشتگرد تنظيمن جي موجودگي ۽ سرگرمين جي نشاندهي ڪنديون رهيون آهن

بقايا | 12 | روزاني عبرت

ايس پي آر مان آچر ڏينهن جاري پريس رليز مطابق آپريشنل تيارين جي هڪ وڏي مظاهري ۾ پاڪ بحريه ۾ نئين شامل ڪيل آبدوز پي اين ايس / ايم هنگور اتر عربي سمنڊ ۾ پنهنجي پهرين لائيو ويپن فائرنگ جو ڪامياب مظاهرو ڪيو ۽ ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ هڪ اينٽي شپ ڪروز ميزائل جي ذريعي هدف کي درست طريقي سان نشانو بڻايو آهي پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف نشان امتياز ملٽري، فائرنگ جو مشاهدو ڪيو آبدوز جي جنگي صلاحيت جي تعريف ڪئي ۽ ڀروسي جوڳي سيري ڪائي ڊيٽرنس لاءِ زمين اندر صلاحيتن کي وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو اهو سنگ ميل قومي بحري سرحدن ۽ علائقائي امن جي تحفظ لاءِ جنگي تياري لاءِ پاڪ بحريه جي عزم جي نشاندهي ڪري ٿو

بقايا | 13 | روزاني عبرت

پيداوار ۽ اسمگلنگ جي خطرناڪ سرڪٽ ۾ شامل ٿي ويو ميڊيا رپورٽ مطابق افغانستان پاڙيسري ملڪن کي منشيات جي علائقائي ۽ عالمي فراهمي لاءِ اهم رستن ۾ تبديل ڪري رهيو آهي افغانستان ۾ منشيات جو واپار پوک کان وڌيڪ ڳجهين ڪيميائي ليبارٽرين تائين پکڙجي ويو آهي ميڊيا رپورٽن مطابق اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخاني موجب افغانستان مان سري لنڪا اسمگل ٿيندڙ 2 ڪروڙ 10 لک ڊالرز جي آئيس پڪڙي وئي آهي عالمي رپورٽن مان هڪ ڀيرو ٻيهر اهو ثابت ٿي ويو آهي ته هن حڪومت پنهنجي بقا لاءِ دهشتگردي ۽ منشيات جو سهارو ورتو آهي

بقايا | 14 | روزاني عبرت

ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ ۽ پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي شاباش ڏني آهي آءِ جي سنڌ ڪامياب ڪارروائي ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن لاءِ 5 لک رپيا روڪ انعام سي سي فرسٽ ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي جاويد عالم اوڍو چيو ته سنگين وارداتن ۾ ملوث جوابدارن جي بروقت گرفتاري پوليس جي پيشهورانہ صلاحيت، اثرائتي جاچ ۽ بهترين ٽيم ورڪ جو ثبوت آهي حيدرآباد پوليس محدود وقت ۾ اهم اڳڀرائي ڪندي قتل جي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو جيڪا ساراهه جوڳي ڪارڪردگي آهي هن لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي ته گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ ڪندي وارداتن جي سمورن محرڪن ممڪن سهولتڪارن ۽ ٻين ملوث عنصرن کي پڻ قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي آءِ جي سنڌ چيو ته اقليتي برادري جي جان ۽ مال جي تحفظ کي مڪمل قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي بهترين ڪارڪردگي جي حوصلا افزائي جو سلسلو جاري رکيو ويندو جڏهن ته ڏوهن خلاف اثرائتي ۽ نتيجا ڏيندڙ ڪارروائي ڪندڙ پوليس ٽيمن کي ڀرپور پذيرائي ڏني ويندي

بقايا | 15 | روزاني عبرت

ملهائڻ جو بنيادي مقصد سياحت جي معاشي سماجي، ثقافتي ۽ ماحولياتي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي گڏيل قومن موجب 2026ع ۾ سياحت جي عالمي ڏهاڙي جو موضوع "سياحت جي نئين سر جوڙجڪ لاءِ ڊجيٽل ايجنڊا ۽ مصنوعي ذهانت" چونڊيو ويو آهي جنهن ۾ ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت ذريعي سياحت جي مستقبل کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو آهي سڄي دنيا ۾ سياحت عالمي واپار ۽ روزگار جو اهم ذريعو بڻجي چڪي آهي ورلڊ ٽريول اينڊ ٽوئرازم ڪائونسل مطابق 2025ع ۾ عالمي سطح تي ٽريول اينڊ ٽوئرازم جي شعبي عالمي معيشت ۾ 11.6 ٽريلين ڊالر جو حصو وڌو جيڪو عالمي جي ڊي پي جو 9.8 سيڪڙو آهي جڏهن ته شعبي اٽڪل 36 ڪروڙ نوڪرين کي به سهارو ڏنو پاڪستان ۾ جبل سامونڊي ڪنارا ريگستان تاريخي مذهبي ۽ آثار قديمه جا هنڌ ملڪي ۽ پرڏيهي سياحن لاءِ اهم ڪشش رکن ٿا گڏيل قومن مطابق مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي سياحت جي منزل جي چونڊ، سفري منصوبابندي ۽ سياحتي خدمتن جي فراهمي ۾ اهم تبديليون آڻي رهي آهي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش سياحت جي عالمي ڏهاڙي 2026ع جي پيغام ۾ زور ڏنو ته ٽيڪنالاجي سبب پيدا ٿيندڙ موقعن مان فائدو وٺندي ڊجيٽل مهارتن ۾ سيڙپڪاري ۽ مقامي برادرين جي شموليت کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن سياحت جي ترقي وڌيڪ جامع ۽ پائيدار ٿي سگهي سياحت عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان سڄي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ تقريبن جو بندوبست ڪيو ويو ۽ سياحت جي شعبي جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو

بقايا | 16 | روزاني عبرت

سيٽلمينٽس ڪاٽي ٻڌايو آهي ته اهو حادثو آچر ڏينهن مقامي وقت موجب صبح جو تقريباً 4 وڳي پيش آيو حادثي کان پوءِ ٽرڪ کي باهه لڳي وئي جنهن کي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا شديد زخمي ٿيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي روڊ ٽريفڪ مينجمينٽ ڪارپوريشن پوليس سان گڏجي حادثي جا سبب معلوم ڪري رهي آهي

بقايا | 17 | روزاني عبرت

ڪراچي جي ڪلفٽن بلاڪ ون شيرين جناح ڪالوني هندو پاڙو پرسان منشيات وڪرو ڪندڙ جي گرفتاري دوران فائرنگ ۾ بوٽ بيسن ٿاڻي جو 26 ورهين جو پوليس اهلڪار وهاب خٽڪ شهيد ٿي ويو پوليس موجب اهلڪار مخبر سان گڏ منشيات خريد ڪري جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته جوابدار فرار ٿيڻ لڳو جنهن جي تعاقب ڪندي اهلڪار تي فائرنگ ڪئي وئي زخمي اهلڪار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران هو شهيد ٿي ويو واقعي تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب ڪري ورتي ۽ جوابدارن جي گرفتاري يقيني بڻائڻ جون هدايتون ڪيون نيو ڪراچي چنديا چوڪ پرسان ڪويا مسجد وٽ 22 ورهين جي ساريا زال سرفراز کي نامعلوم سببن جي ڪري تيزڌار اوزار سان حملو ڪري قتل ڪيو ويو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي درخشان ٿاڻي جي حد ۾ ڊي ايڇ اي فيز 5 سمنڊ ڪناري روڊ پرسان پوليس مقابلي دوران ٻه ڦورو جدعون عرف جي پي ۽ عمر عرف چينا زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا پوليس موجب جوابدارن وٽان ٻه پسٽول گوليون چيانيل ايپل ڪمپيوٽر ايئر پوڊز پرس، موٽر سائيڪل ۽ وارداتن ۾ استعمال ٿيل ٿيلهو هٿ ڪيو ويو خواجا اجمير نگري ٿاڻي جي حد ۾ پوليس مقابلي دوران ٻه ڦورو ڪاشف ميان ۽ عامر اشرف زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا پوليس ٻنهي وٽان ٻه پسٽول گوليون موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي حيدري مارڪيٽ جي الڪسرا اسڪول پرسان پوليس مقابلي دوران هڪ ڦورو معال خان گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس هڪ ساٿي فرار ٿي ويو پوليس جوابدار وٽان پسٽول گوليون موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي لياري حاجي پير محمد روڊ تي ذاتي دشمني تان فائرنگ ۾ 20 ورهين جو ثاقب زخمي ٿي پيو جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو هاڪس بي منوڙو هٽ نمبر اين 08 پرسان سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران 19 ورهين جو عبدالباسط ٻڏي فوت ٿي ويو ايڌي بحري رضاڪارن لاش ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو گڏاپ سٽي ٿاڻي جي حد ۾ سپر هاءِ وي ٽول پلازا پرسان حلال هوٽل وٽ تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر ۾ 28 ورهين جو فاروق شاهه فوت ٿي ويو جمشيد ڪوارٽر ٿاڻي جي حد ۾ اسلاميه ڪاليج پرسان ٽريفڪ حادثي ۾ 14 ورهين جو بلال فوت ۽ 15 ورهين جو امان زخمي ٿي پيو ڪورنگي صنعتي علائقي ۾ شاهراهه ڀٽو تي تيز رفتاري سبب موٽر سائيڪل سوار پوليس اهلڪار 24 ورهين جو محمد عاليان طارق روڊ جي ڪناري بيٺل پاڻي جي ٽينڪر سان ٽڪرائجي فوت ٿي ويو فوتي پوليس اهلڪار آر آر ايف هيڊڪوارٽر ۾ مقرر هو ٻئي طرف سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس ليبر اسڪوائر پرسان ڪارروائي ڪندي انتهائي گهربل اشتهاري جوابدار همت علي عرف عبدالله کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب جوابدار تي قتل پوليس مقابلي ڦرلٽ ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ سميت ڪيترائي ڪيس داخل آهن جوابدار وٽان غيرقانوني پسٽول ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون

بقايا | 18 | روزاني عبرت

اوڍو جي ڏاڏي جي ڀاءُ نبي بخش اوڍو جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي آءِ جي سنڌ ۽ سندس خاندان سان دلي تعزيت ڪئي آهي ضياءالحسن لنجار چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ هو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ سندس خاندان جي غم ۾ برابر جو شريڪ آهي سنڌ جي گهرو وزير مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ مغفرت لاءِ دعا ڪندي چيو ته الله پاڪ مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا ڪري

بقايا | 19 | روزاني عبرت

دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته صوبي جي مختلف علائقن ۾ 71 کان وڌيڪ دهشتگردن کي جهنم پهچڻ ڪرڻ هڪ وڏي ڪاميابي آهي آچر ڏينهن سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته دهشتگردن خلاف موثر ڪارروائيون سيڪيورٽي فورسز جي اعليٰ پيشهورانہ صلاحيت، بهادري ۽ آپريشنل تياري جي عڪاس آهن جڏهن ته بلوچستان ۾ دهشتگردن جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي ڪليئر ڪرڻ امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ اهم اڳڀرائي آهي سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته پاڪستان ۾ بدامني پکيڙيندڙ دهشتگرد ڌرين ۽ انهن جي سهولتڪارن خلاف ڪارروائيون پوري طاقت سان جاري رهڻ گهرجن پرڏيهي پٺڀرائي ۽ مدد سان ٿيندڙ دهشتگردي جو ازالو قومي سلامتي لاءِ اهم آهي هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي مثالي قربانيون ڏنيون آهن ۽ قوم پنهنجي شهيدن ۽ غازين جي خدمتن کي هميشه قدر ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسندي. سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ امن جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جو عزم پوري قوم لاءِ حوصلي ۽ اعتماد جو سبب بڻيل آهي. هن ڪامياب ڪارروائين ۾ حصو وٺندڙ سمورن آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين ۽ شهيدن جي عظيم قربانين کي سلام پيش ڪيو

بقايا | 20 | روزاني عبرت

جي اسپيڪر سردار اياز صادق راولپنڊي اسلام آباد يونين آف جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ نئين چونڊيل صدر سيد مجاهد نقوي، سينئر نائب صدر نصرت عباس شاهه، جنرل سيڪريٽري چوڌري محمد شفيق سميت ٻين نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي اسپيڪر ميڊيا آفيس پاران جاري بيان مطابق سردار اياز صادق چيو ته نون چونڊيل عهديدارن جي چونڊ سندن پيشهورانہ صلاحيتن تي ايسوسيئيشن جي ميمبرن جي ڀرپور اعتماد جو مظهر آهي هن اميد جو اظهار ڪيو ته نئين چونڊيل قيادت صحافتي برادري جي ڀلائي پيشهورانہ معاملن کي هٿي وٺرائڻ ۽ راولپنڊي اسلام آباد جي صحافين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ موثر ڪردار ادا ڪندي اسپيڪر چيو ته صحافت رياست جي اهم ٿنڀن جي حيثيت سان جمهوري نظام جي استحڪام عوامي شعور جي بيداري ۽ قومي معاملن تي عام راءِ جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي اسپيڪر چيو ته راولپنڊي اسلام آباد جا صحافي ملڪي سطح تي پنهنجون صحافتي ذميواريون ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ قومي معاملن کي به اجاگر ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

بقايا | 21 | روزاني عبرت

وزير مير سرفراز بگٽي پاڪ بحريه ۽ ان جي قيادت کي نئين شامل ڪيل آبدوز پي اين ايس / ايم هنگور جي پهرين ڪامياب سڌي ريٽ هٿيارن جي تجربي جي مبارڪ ڏيندي خراج تحسين پيش ڪيو آهي آچر ڏينهن هتي جاري بيان ۾ وڏي وزير چيو ته اينٽي شپ ڪروز ميزائل ذريعي ڊگهي فاصلي تي موجود هدف کي درستگي سان نشانو بڻائڻ پاڪ بحريه جي آبدوز فورس جي غير معمولي آپريشنل تياري، پيشهورانہ مهارت ۽ بلند جنگي صلاحيت جو واضح ثبوت آهي هن چيو ته پاڪ بحريه ملڪ جي سامونڊي سرحدن جي دفاع ۽ سامونڊي مفادن جي تحفظ لاءِ هر طرح جي چئلينج کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي پاڪ بحريه جي جديد آبدوز جو ڪامياب هٿيارن جو فائرنگ ملڪ جي دفاعي صلاحيت ۽ پيشهورانہ تياري جي عڪاسي آهي هن چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف ۽ پي اين ايس / ايم هنگور جي شموليت ۽ آپريشنلائيزيشن جي عمل سان واڳيل سمورن آفيسرن ۽ عملي جي پيشهورانہ ڪارڪردگي کي به ساراهيو هن پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ جوانن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته قوم کي پنهنجي هٿياربند فوج جي پيشهورانہ صلاحيتن ۽ وطن جي دفاع لاءِ سندن خدمتن تي فخر آهي

بقايا | 22 | روزاني عبرت

تي رزاق آباد پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ اليائن ڪلب جي سهڪار سان تربيت حاصل ڪندڙ 16 مائونٽينيئرز ڪاميابي سان پنهنجو بنيادي مائونٽينيئرنگ ڪورس مڪمل ڪيو تقريب جي سرپرست ڊي آءِ جي فيض الله ڪوريجو سنڌ اليائن ڪلب جا ميمبر ۽ دانش امان جي اڳواڻي ۾ اسپانسرز خاص طور شرڪت ڪئي هن موقعي تي رزاق آباد پوليس ٽريننگ سينٽر جي پرنسپل ڪيپٽن (رٽائرڊ) حيدر رضا، سنڌ اليائن ڪلب جا عهديدار ڪورس مڪمل ڪندڙ مائونٽينيئرز ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر ۽ نمائندا پڻ موجود هئا بنيادي مائونٽينيئرنگ ڪورس جو مقصد سنڌ پوليس جي مائونٽينيئرز کي جبلن وارن علائقن ۾ پيش ايندڙ مختلف چئلينجز کي منهن ڏيڻ ڏکين هنڌن تي اچ وڃ ۽ بچاءُ ۽ امدادي ڪارروائين سميت مائونٽينيئرنگ سان لاڳاپيل بنيادي ۽ عملي مهارتن سان ليس ڪرڻ آهي ان موقعي تي ڊي آءِ جي فيض الله ڪوريجو ڪورس ڪاميابي سان مڪمل ڪندڙ 16 مائونٽينيئرز کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته سنڌ پوليس جي اهلڪارن جي پيشهورانہ صلاحيتن ۾ واڌ لاءِ جديد ۽ خاص نوعيت جي تربيت انتهائي اهم آهي مائونٽينيئرنگ جهڙي شعبي ۾ تربيت حاصل ڪندڙ اهلڪار نه رڳو پنهنجون پيشهورانہ ذميواريون وڌيڪ بهتر نموني انجام ڏئي سگهن ٿا، پر ڏکين ۽ هنگامي حالتن ۾ پڻ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا تقريب دوران سنڌ پوليس مائونٽينيئرنگ ٽيم جي تربيت ۽ صلاحيتن ۾ واڌ لاءِ سنڌ اليائن ڪلب جي سهڪار کي پڻ ساراهيو ويو ان موقعي تي ڊي آءِ جي جي اڳواڻي ۾ اسپانسرز شرڪت ڪئي سنڌ اليائن ڪلب پاران اسپانسرز جي خدمتن ۽ سهڪار جي اعتراف طور کين ڪلب جا اعزازي ڪارڊ ۽ جيڪٽون پڻ پيش ڪيون ويون ۽ سندن تعاون کي قدر جي نگاهه سان ساراهيو ويو تقريب جي پڄاڻي تي ڪورس ڪاميابي سان مڪمل ڪندڙ سمورن 16 مائونٽينيئرز جي حوصلا افزائي ڪئي وئي ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته سنڌ پوليس جي اهلڪارن جي پيشهورانہ تربيت ۽ جديد مهارتن ۾ واڌ جو سلسلو مستقبل ۾ پڻ جاري رکيو ويندو

بقايا | 23 | روزاني عبرت

ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ڊي آءِ جي نعيم شيخ ايس ايس پي سائوٿ مهزور علي ٻين سينيئر پوليس آفيسرن ۽ شهيد جي وارثن شرڪت ڪئي پوليس جي چاق و چوبند دستي شهيد ڪانسٽيبل کي سلامي پيش ڪئي ۽ سندس ميت تي گلن جي چادر چاڙهي وئي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ۽ ٻين پوليس آفيسرن شهيد جي وارثن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي ملڪ ۽ قوم لاءِ شهيد جي قرباني کي خراج عقيدت پيش ڪيو ڪانسٽيبل وهاب خٽڪ گذريل رات ڊسٽرڪٽ سائوٿ ۾ جوابدارن خلاف ڪارروائي دوران فرض جي ادائيگي ڪندي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو هو

بقايا | 24 | روزاني عبرت

ڀرپور احتجاج ڪندي عالمي اداري کان ڪشمير مسئلي بابت پنهنجين قراردادن تي عملدرآمد جو مطالبو ڪيو ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ورلڊ ڪشمير اويئرنيس فورم ۽ نيويارڪ واشنگٽن ميٽروپوليٽن علائقن جي ڪشميري آمريڪي ڪميونٽيز جي انتظام هيٺ جمعي 26 سيپٽمبر تي گڏيل قومن جي هيڊڪوارٽرز ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ڪشميري ۽ پاڪستاني ڪميونٽي جي اڳواڻن عورتن، ٻارن ۽ بزرگن سميت وڏي انگ ۾ ساٿين شرڪت ڪئي مظاهرو ڪندڙن هڪ پڪار جي عنوان سان احتجاج ڪندي ڪشميري عوام بابت گڏيل قومن جي واعدن ۽ قراردادن جي ياد ڏياري شرڪت ڪندڙن کي پلي ڪارڊز کنيل هئا جن تي ڪشميرين جي خود ارادي واري حق ۽ انساني حقن جي بحالي جا مطالبا لکيل هئا مظاهرو ڪندڙن گڏيل قومن جي پليٽ فارم کان ڀارتي پرڏيهي وزير جي خطاب جو موقعو ڏيڻ تي به سخت خدشن جو اظهار ڪيو ڪشميري اڳواڻن هڪ گڏيل بيان ۾ چيو ته گڏيل قومن کي ڪشمير مسئلي سميت انساني حقن جي معاملن تي انصاف ۽ اصولن جي مطابقت رکڻ گهرجي هنن مطالبو ڪيو ته ڪشميري عوام کي سندن خود ارادي وارو حق ڏنو وڃي ۽ والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ ڪشمير بابت گڏيل قومن جي قراردادن جي عملدرآمد لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا | 25 | روزاني عبرت

پيا ميڊيا رپورٽن موجب حادثو صوبي جي آريان شهر کان بيرجند ڪائونٽي ويندڙ روڊ تي پيش آيو حادثي ڪانپوءِ بس ۾ باهه لڳي وئي جڏهن ته حادثي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون موقعي تي پهچي ويون جن حادثي ۾ فوت ٿيلن جا لاش ۽ زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا | 26 | روزاني عبرت

جي صحت واري وزارت "ايڪس" تي جاري ڪيل هڪ بيان ۾ ٻڌايو آهي ته شهيد ٿي ويل 7 فلسطينين جا مڙهه غزه جي اسپتالن ۾ منتقل ڪيا ويا آهن جڏهن ته 38 زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن رپورٽ موجب اڪثر متاثر شهري رضوان ۽ نصيرات پناهگير ڪيمپ مان آندا ويا آهن جتي اسرائيلي فوج شديد فائرنگ ڪئي آهي وزارت موجب 11 آڪٽوبر 2025 تي جنگ بندي شروع ٿيڻ کان پوءِ اسرائيلي حملن ۾ 1 هزار 415 فلسطيني شهيد ۽ 4 هزار 953 زخمي ٿي چڪا آهن جڏهن ته آڪٽوبر 2023ع کان غزه ۾ اسرائيلي حملن دوران 74 هزار کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ۽ 175069 زخمي ٿي چڪا آهن

بقايا | 27 | روزاني عبرت

مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته گلگت بلتستان جي سر زمين جي ڌيءُ منيشه علي جي عالمي سطح تي پاڪستان جو جهنڊو بلند ڪيو پي پي پي ميڊيا سيل مان جاري مبارڪون واري پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته منيشه علي جي ڪاميابي صرف هڪ گولڊ ميڊل نه پر پاڪستان جي نياڻين جي عزم، حوصلي ۽ صلاحيتن جي عالمي پذيرائي آهي هن چيو ته نوجوان رانديگر خاص ڪري ويمن رانديگرن کي پنهنجون صلاحيتون نکارڻ لاءِ وڌيڪ موقعا ۽ عالمي معيار جون تربيتي سهولتون فراهم ڪريون پونديون هن چيو ته منيشه علي جي ڪاميابي پاڪستان جي رانديگرن جي روشن مستقبل ۽ عورتن جي وڌندڙ ڪردار جو همٿائيندڙ پيغام آهي بلاول ڀٽو زرداري جي چيو ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ کين هر ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ شهيد بينظير ڀٽو جي خواب جو بنيادي حصو هو منيشه علي جي عالمي ڪاميابي سندس خواب جي تڪميل طرف هڪ خوبصورت قدم آهي جنهن ۾ پاڪستان جي هر نياڻي کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جي برابري جو موقعو حاصل هجي بلاول ڀٽو زرداري منيشه علي، سندس والدين ڪوچز ۽ پاڪستان جي پوري ايم ايم اي فيملي کي ان ڪاميابي تي مبارڪون ڏنيون آهن

بقايا | 28 | روزاني عبرت

ويپن فائرنگ تي پاڪ بحريه کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي آچر تي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر مملڪت آصف علي زرداري پاڪ بحريه جي آپريشنل تياري ۽ سامونڊي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافي جي تعريف ڪندي چيو ته جديد جنگي صلاحيتن سان ليس پاڪ بحريه قومي سامونڊي حدن جي تحفظ ۽ خطي جي امن ۽ سلامتي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي صدر چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف جي قيادت ۾ پاڪ بحريه جي هر سطح تي تياري ۽ سامونڊي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافي جي تعريف ڪئي هن چيو ته پاڪستان جي سامونڊي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافو ملڪي سامونڊي حدن جي موثر دفاع ۽ خطي ۾ امن جي قيام جي عزم جي عڪاسي آهي ياد رهي ته صدر زرداري هلندڙ سال 30 اپريل تي ان آبدوز جي پاڪستان حوالي ڪرڻ جي تقريب جو خاص مهمان هو جيڪا چين جي شهر سانيا ۾ منعقد ٿي هئي

بقايا | 29 | روزاني عبرت

فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ طرفان جاري بيان مطابق صدر آصف علي زرداري آپريشن شعبان ۽ بلوچستان جي ٻين علائقن ۾ 71 کان وڌيڪ دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته ڀارت ۽ افغان طالبان جي سرپرستي ۾ سرگرم فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائيون تحسين جوڳيون آهن بلوچستان ۾ دهشتگردن جا ڪيترا ئي ٺڪاڻا ڪليئر ڪرڻ سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي آهي صدر آصف علي زرداري چيو ته پرڏيهي سرپرستي ۽ سهڪار سان ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ ڪارروائيون جاري رهنديون دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ۽ خدمتون قوم لاءِ فخر جو سبب آهن

بقايا | 30 | روزاني عبرت

پيش ڪندي چيو آهي ته گذريل 96 ڪلاڪن دوران بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ 71 کان وڌيڪ دهشتگردن جو مارجي وڃڻ سيڪيورٽي فورسز جي پيشهورانہ مهارت ۽ بهادري جو پاڻ ڳالهائيندڙ ثبوت آهي آچر ڏينهن وزيراعظم هائوس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي ڪليئر ڪري مقامي آبادي کي فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جي خطري کان نجات ڏياري، دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوري قوم پنهنجن بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي سرزمين تان غير ملڪي سرپرستي ۽ معاونت سان ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو اسان جو عزم آهي عزم استحڪام تحت دهشتگردي خلاف ڪارروائيون پوري قوت ۽ عزم سان جاري رهنديون

بقايا | 31 | روزاني عبرت

ملڪي معيشت کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي سينيٽ سيڪريٽريٽ پاران جاري بيان مطابق سينيٽ چيئرمين سياحت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پيغام ۾ چيو ته پاڪستان جا اترئين علائقا، جابلو واديون سنڌ جي وادي جي قديم تهذيب، تاريخي هنڌ ۽ مختلف مذهبن سان لاڳاپيل صديون پراڻا آثار ۽ ثقافتون ملڪي سياحتي ورثي جو قيمتي حصو آهن پاڪستان انهن ڪجهه ملڪن ۾ شامل آهي جتي چارئي موسم پنهنجي منفرد خوبصورتي سان موجود آهن جيڪي ملڪي سياحت کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ قدرتي ۽ اهم اثاثو آهن هن چيو ته پاڪستان قدرتي حسن دلڪش منظرن، بلند جبلن سرسبز وادين جي صديون پراڻين تهذيبن ۽ تاريخي، ثقافتي ورثي سان مالا مال ملڪ آهي جيڪو ان کي دنيا جي اهم سياحتي هنڌن ۾ منفرد مقام عطا ڪري ٿو هن چيو ته سياحت کي هٿي ڏيڻ نه رڳو معاشي ترقي ۽ روزگار جا نوان موقعا مقامي آبادي جي معاشي خوشحالي ۽ مختلف علائقن وچ ۾ بهتر رابطا قائم ڪرڻ جو ذريعو به بڻجي سگهي ٿو سياحتي شعبي ۾ ترقي سان مقامي ماڻهن لاءِ ڪاروبار ۽ روزگار جا موثر موقعا پيدا ٿيندا جڏهن ته ملڪ جي ثقافتي سڃاڻپ کي عالمي سطح تي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ملندي سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان جي قدرتي ۽ تاريخي سياحتي هنڌن کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ لاءِ بنيادي ڍانچي جي بهتري، روڊن، مواصلاتي سهولتن رهائش ۽ ٻين ضروري سهولتن جي فراهمي کي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي حڪومت، خانگي شعبي مقامي آبادي ۽ سمورا لاڳاپيل ادارا گڏجي سياحت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اثرائتا ۽ پائيدار قدم کڻن سينيٽ چيئرمين ٻيلن ۽ قدرتي ماحول جي تحفظ ۽ ان کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته ماحولياتي تحفظ کان سواءِ پائيدار سياحت جو تصور مڪمل نٿو ٿي سگهي قدرتي وسيلن ٻيلن جبلن وادين ۽ ٻين ماحولياتي ادارن جي تحفظ لاءِ اجتماعي ذميواري جو مظاهرو ڪرڻو پوندو هن چيو ته پاڪستان هزارين سال پراڻين تهذيبن جو امين آهي ۽ ان جو ثقافتي، مذهبي ۽ تاريخي ورثو سڄي دنيا جي سياحن لاءِ خاص ڪشش رکي ٿو ملڪ ۾ مذهبي سياحت کي هٿي ڏيڻ جا وسيع امڪان موجود آهن ۽ مختلف مذهبن سان لاڳاپيل صديون پراڻا عبادتگاهه تاريخي هنڌ ۽ ثقافتي ورثو عالمي سياحن لاءِ دلچسپي جو سبب آهن سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان ۾ مذهبي، ثقافتي ۽ تاريخي سياحت کي هٿي ڏيڻ لاءِ پائيدار قدم کڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سياحت جي شعبي ۾ سيڙپڪاري ۽ بنيادي ڍانچي جي بهتري سان نه رڳو ملڪي معيشت کي هٿي ملندي پر پاڪستان جي هڪ پرامن خوبصورت، ثقافتي ۽ سياحتي دوست ملڪ طور هاڪاري سڃاڻپ به دنيا سامهون اجاگر ٿيندي هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته سياحت کي هٿي ڏيڻ قدرتي ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ پاڪستان جي وسيع سياحتي امڪان کي ڪم آڻڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ شراڪتدارن سان گڏجي اثرائتا قدم کڻڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا | 32 | روزاني عبرت

اهو ايوارڊ ٽن مختلف ڪيٽيگريز ۾ ڏنو ويندو ڪميشن جي ذريعن موجب ٽن مختلف ڪيٽيگريز ۾ بهترين ريسرچر بهترين ينگ ريسرچر ۽ بهترين پبليڪيشن شامل آهن اهليت لاءِ لازمي آهي ته ريسرچر ايڇ اي سي بليڪ لسٽ نه هجي ان کان اڳ اهڙي قسم جو ڪو به ايوارڊ حاصل نه ڪيو هجي بهترين ريسرچ ايوارڊ لاءِ ضروري آهي ته محقق گذريل ٽن سالن کان پاڪستان ۾ رهندڙ هجي بهترين ينگ ريسرچر لاءِ لازمي آهي ته پهرين جنوري 2026ع تي محقق جي عمر 40 سال کان وڌيڪ نه هجي ۽ هو رهندڙ 40 سال جي شروعات کان پاڪستان ۾ رهندڙ هجي بهترين پبليڪيشن لاءِ پبليڪيشن اسڪالر لي بل يا جنرل آرٽيڪل هجي پبليڪيشن ٽن سال پراڻي نه هجي اها پبليڪيشن ٽن سالن کان وڌيڪ نه هجي ليڪن نه لکي هجي ليڪ گذريل 3 سالن کان پاڪستان ۾ رهندڙ هجي ان جي ريسرچ ايڇ اي سي مان منظور ٿيل ريسرچ جنرل ۾ ڇپيل هجي انهن ايوارڊ لاءِ درخواستون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 31 آڪٽوبر مقرر ڪئي وئي آهي

بقايا | 33 | روزاني عبرت

ڇڏيو ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني ۽ ڪراچي جو ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد پڻ ساڻس گڏ هئا افتتاح کان اڳ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ريڊ لائن بي آر ٽي ڪوريڊور جو دورو ڪيو جتي لاڳاپيل عملدارن کيس منصوبي جي جاري ڪم ۽ اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته موسميات فلاءِ اوور جو اڄ افتتاح ڪيو ويو آهي هي اوور برج ريڊ لائن بي آر ٽي منصوبي جو هڪ اهم حصو آهي ۽ ان کي ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو آهي هن چيو ته پروٽوڪول مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ فلاءِ اوور کي ٻن ڏينهن اندر عوام لاءِ کوليو ويندو جڏهن ته افتتاح ڪانپوءِ هڪ ڏينهن اندر عوام ان مان فائدو حاصل ڪري سگهندا. هن چيو ته تعميراتي معاهدا ٻن سالن لاءِ ڪيا ويا هئا، تنهن هوندي به ان دوران سڄي ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان آيو ڀهريان ڊالر جي قيمت وڌي، پوءِ سيمينٽ جي اگهن ۾ اضافو ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ پيٽرول جون قيمتون پڻ وڌي ويون پر مهانگائي ۽ وڌندڙ لاڳت باوجود منصوبي تي ڪم جاري رکيو ويو هن چيو ته حڪومت لاڳاپيل ادارن سان معاهدا ڪيا ۽ سمورا معاملا گڏيل صلاح مشوري سان اڳتي وڌايا ويا، اسان جي سموري ٽيم منصوبي جي تڪميل لاءِ ڀرپور محنت ڪئي ۽ جنهن رفتار سان منصوبي تي ڪم مڪمل ڪيو ويو ان تي مون کي پنهنجي سموري ٽيم تي فخر آهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته يونيورسٽي روڊ تي عوام کي اڄ وچ ۾ جيڪي مشڪلاتون درپيش هيون اهي تقريباً ختم ٿي چڪيون آهن ۽ يونيورسٽي روڊ جو ڪم پڻ الحمدالله تقريباً مڪمل ٿي چڪو آهي بي آر ٽي جو ڪم پڻ جاري آهي اسٽيشن سميت ٻيا ڪم پڻ تيزيءَ سان مڪمل ڪيا پيا وڃن هن چيو ته ڪراچي ۾ سنڌ حڪومت جو واضح عزم آهي ته شهر جي هر شعبي ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن ڪراچي جي ترقي لاءِ مختلف کاتا پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري رهيا آهن ڪراچي جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڊگهي عرصي کان گهڻي ضرورت هئي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته ان طرف موثر قدم کنيا وڃن عوام کي بهترين سفري سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي هن چيو ته يونيورسٽي روڊ جو ڪم تقريباً مڪمل ڪيو ويو آهي، ايف ڊبليو او پڻ تيزيءَ سان ڪم ڪيس تنهن هوندي به ان کي پڻ مختلف مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو ڪراچي ۾ ڪيترائي مسئلا موجود هئا، ڪي فور جو ڪم اڃا تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي تنهن هوندي به ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ جا مسئلا ڪافي حد تائين حل ڪيا ويا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ايم ڪيو ايم جي وسيم اختر جي بيانن کي اسان ترجيح نٿا ڏيون ايم ڪيو ايم وارا سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ڪري رهيا آهن، تنهن ڪري ايم ڪيو ايم وارن جي ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان نه ڏيڻ گهرجي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان سمجهون ٿا ته پارڪنگ جو مسئلو موجود آهي پر جيڪو ماڻهو ڪا شيءِ خريد ڪرڻ ايندو اهو گاڏي دڪان جي سامهون ئي بيهاريندو هن چيو ته ڪراچي جا ٻه وڏا مسئلا پاڻي ۽ ٽريفڪ جا آهن ۽ انهن ٻنهي مسئلن جي حل لاءِ ڪم جاري آهي ٽريفڪ جي مسئلي جي حل لاءِ عوام کي پڻ خيال رکڻ گهرجي اهو سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حڪومت جو ڪم ڪم ڪرڻ آهي اسان جو ڪم الزام تراشي ڪرڻ ناهي سياسي پارٽين جي پڻ ذميواري آهي ته انهن جو ڪم صرف تنقيد ڪرڻ ناهي پر عوام کي تڪليف کان بچائڻ به آهي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هن وقت اسان بي آر ٽي جون اسٽيشنون تعمير ڪري رهيا آهيون ۽ جلد ان شاءَ الله بسون پڻ هلنديون هن چيو ته جيڪي مسئلا هئا، انهن ۾ ڪنهن جي غفلت شامل نه هئي ڪجهه مسئلا ۽ معاملا هئا، جن جي ڪري دير ٿي هن بي آر ٽي منصوبي ۾ دير ٿيڻ تي عوام کان معذرت پڻ ڪئي

بقايا | 34 | روزاني عبرت

ايڪسپريس نيوز موجب ذريعن ٻڌايو آهي ته وفاقي حڪومت صوبي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ واري آپشن تي غور ڪري رهي آهي جڏهن ته تحريڪ انصاف به اسيمبلي ٽوڙڻ يا وڏي وزير جي تبديلي لاءِ مختلف آپشنز تي غور ڪري رهي آهي 27 سيپٽمبر وارو احتجاج ملتوي ڪرڻ ڪانپوءِ سياسي حلقن ۾ مختلف تبصرا ڪيا پيا وڃن اسيمبلي رولز جي قاعدي 22 ۾ بي اعتمادي واري رٿ جو طريقيڪار واضح ڪيو ويو آهي جنهن موجب رٿ ايوان ۾ پيش ٿيڻ ڪانپوءِ ڳجهي راءِ شماري ڪرائي ويندي، ووٽنگ دوران ميمبر ٻن الڳ لابين ۾ وڃي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا جيڪڏهن بي اعتمادي واري رٿ ڪامياب ٿي وڃي ته اسپيڪر نئين وڏي وزير جي چونڊ لاءِ شيڊول جاري ڪندو پاڪستان جي آئين ۾ گورنر طرفان وڏي وزير کان اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو به ذڪر موجود آهي آئين جي آرٽيڪل 130 جي ذيلي شق 7 موجب جيڪڏهن گورنر کي محسوس ٿئي ته وڏي وزير ايوان ۾ اڪثريت وڃائي چڪو آهي ته وڏي وزير کي مقرر طريقيڪار تحت ايوان مان پنهنجي عددي اڪثريت ثابت ڪرڻي پوندي ذريعن موجب تحريڪ انصاف طرفان اسلام آباد مارچ جي اعلان ڪانپوءِ خيبرپختونخوا ۽ وفاق وچ ۾ حالتون ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي ويون آهن پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ کي روڪڻ لاءِ مختلف قدم کنيا پيا وڃن جڏهن ته پي ٽي آءِ پڻ لانگ مارچ ڪرڻ تي بضد آهي لانگ مارچ 27 سيپٽمبر کان 4 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪيو ويو آهي پر ڇڪتاڻ برقرار آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته وڏي وزير جي نااهلي وڏي وزير کي تبديل ڪرڻ يا ايوان اندر تبديلي آڻڻ اسيمبلي ٽوڙڻ ۽ وڏي وزير خلاف بي اعتمادي واري رٿ سميت مختلف امڪانن جون خبرون گردش ڪرڻ لڳيون آهن آئين جي آرٽيڪل 136 تحت اسيمبلي جا ميمبر وڏي وزير خلاف بي اعتمادي واري رٿ پيش ڪري سگهن ٿا آئين موجب ايوان جي مجموعي ميمبرن جي 20 سيڪڙو ميمبرن جي صحيحن سان اسيمبلي سيڪريٽريٽ ۾ رٿ جمع ڪرائي سگهجي ٿي، جنهن ڪانپوءِ 3 کان 7 ڏينهن اندر رڳو ان نقطي واري ايجنڊا تي اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪيو ويندو

بقايا | 35 | روزاني عبرت

بابت مملڪتي وزير بلال بن ثاقب چيو آهي ته گلوبل سائوٿ کي ٽيڪنالاجي شعبي ۾ صرف صارف نه پر فيصلا سازي جو حصو بڻجڻو پوندو اها ڳالهه هن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي سائيڊ ايونٽ سوشل بزنس يوٿ ۽ ٽيڪنالاجي جي اعليٰ سطحي فورم کي خطاب دوران چئي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي عالمي مسئلن پاليسي سازي ۽ عالمي تعاون تي ڳالهين جو اهم فورم آهي بلال بن ثاقب چيو ته گلوبل سائوٿ کي ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ صرف صارف نه پر فيصلا سازي جو حصو بڻجڻو پوندو هن چيو ته پاڪستان ڊجيٽل فنانس کي هٿي وٺرائڻ لاءِ عالمي سطح تي اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

بقايا | 36 | روزاني عبرت

ورثي، صوفي روايتن لوڪ ثقافت ۽ مهمان نوازيءَ جو حسين سنگم آهي جنهن کي ڏيهي توڙي پرڏيهي سياحن لاءِ هڪ پرڪشش ۽ محفوظ سياحتي منزل بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پرعزم آهي سي ايم هائوس مان جاري ڪيل سندس پيغام ۾ وڏي وزير چيو ته سنڌ ڌرتي دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ ۽ سنڌو ساگر جي عظمت جي امين آهي موهن جو دڙو سنڌ جي هزارين سال پراڻي شهري تهذيبي عظمت ۽ انساني تاريخ جو هڪ روشن باب آهي جڏهن ته رني ڪوٽ جي قلعي جي چوڌاري شاندار حفاظتي ڀت، جنهن کي "سنڌ جي ديوار" پڻ چيو وڃي ٿو سنڌ جي تاريخي ورثي جي شان آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ قديم آثار تاريخي عمارتون، جبل، ريگستان، ڍنڍون، سنڌو درياهه، سامونڊي علائقا ۽ سمنڊ سياحت جي حوالي سان وسيع امڪان رکن ٿا گورک هل جا من موهيندڙ جبلن وارا منظر سنڌ جي قدرتي حسن جو هڪ منفرد شاهڪار آهن جڏهن ته کيرٿر جو تاريخي فيض محل سنڌ جي شاندار فن تعمير ۽ ثقافتي ورثي جو خوبصورت مثال آهي هن چيو ته ساڌ ٻيلو، شاهه جو مينارو ۽ سکر بئراج پڻ سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي حسن جو اهم حصو آهن اهڙيءَ طرح ڪيرٿر جبلن جو سلسلو ڪارونجهر جا جبل، ٿر جو ريگستان ۽ اڇڙو ٿر سنڌ جي منفرد قدرتي حسن ۽ ريگستاني ثقافت جي نمايان سڃاڻپ آهن وڏي وزير چيو ته منڇر ڍنڍ، ڪينجهر ڍنڍ ۽ هاليجي ڍنڍ قدرتي حسن سان گڏ سياحتي سرگرمين لاءِ پڻ اهم ماڳ آهن ڀنڀور ۽ ڪيٽي بندر سنڌ جي قديم تهذيب تاريخ ۽ واپاري ورثي جون اهم نشانيون آهن جڏهن ته سنڌ جي سامونڊي پٽي ۽ سامونڊي ٻيٽن جو پڻ سياحت جي فروغ جا وسيع امڪان موجود آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته منهوڙي ٻنڊل ٻڏي شمس پير بابا ٻيٽ ۽ آسٽر راڪس سميت سنڌ جا سامونڊي ٻيٽ سياحت لاءِ قابل ذڪر موقعا فراهم ڪن ٿا ڪراچي کان ڪيٽي بندر تائين خاص طور تي سي ويو ۽ سنڌ جي وسيع سامونڊي پٽي تفريحي سياحت جي حوالي سان غير معمولي صلاحيت رکن ٿا تاريخي ورثي جي اهميت اجاگر ڪندي وڏي وزير چيو ته مڪلي جو تاريخي قبرستان ۽ چوکنڊي جا قديم مقبرا سنڌ جي عظيم تاريخ، فن تعمير ۽ ثقافتي ورثي جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا سنڌ ۾ ريگستانن کان جبلن، ڍنڍن کان ساحلن ۽ قديم آثارن کان تاريخي عمارتن تائين سياحن لاءِ اڻ ڳڻيا ماڳ موجود آهن وڏي وزير چيو ته موهن جو دڙو، رني ڪوٽ، گورک هل، فيض محل، ڪارونجهر ڪينجهر منڇر ۽ مڪلي ۽ چوکنڊي سنڌ جا قيمتي اثاثا آهن سنڌ جي سياحت رڳو خوبصورت ماڳن جي سفر جو نالو ناهي، پر اها هزارين سالن تي پکڙيل تهذيب، تاريخ، ثقافت ۽ روايتن سان ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ جو نالو آهي سيد مراد علي شاهه موجب سنڌ جي صوفي روايت، لوڪ ثقافت، دستڪاري، موسيقي ۽ مهمان نوازي سنڌ جي سياحتي سڃاڻپ کي منفرد بڻائين ٿيون هن چيو ته سياحت کي هٿي ڏيڻ نه رڳو سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي دنيا آڏو اجاگر ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو پر مقامي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو وڏي وزير چيو ته نوجوانن ۽ مقامي آبادي کي سياحت سان ڳنڍڻ معاشي ترقيءَ جو اهم ذريعو آهي مقامي ماڻهن کي سياحتي سرگرمين ۾ شامل ڪري روزگار ۽ ڪاروبار جا نوان موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا جڏهن ته سياحتي ماڳن جي ترقي سان مقامي معيشت کي پڻ هٿي ملندي هن چيو ته جديد دور ۾ ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل پليٽ فارمن ۽ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) مان فائدو وٺندي سنڌ جي سياحتي ماڳن کي سڄي دنيا ۾ اثرائتي انداز سان اجاگر ڪري سگهجي ٿو جديد ڄاڻ پهچائڻ وارن ذريعن وسيلي سنڌ جي تاريخي، ثقافتي ۽ قدرتي ماڳن جي عالمي سطح تي تشهير سان پرڏيهي سياحن جو سنڌ ڏانهن ڌيان ڇڪائي سگهجي ٿو سيد مراد علي شاهه چيو ته عالمي سياحت جو ڏينهن تاريخي ورثي جي تحفظ قدرتي حسن جي حفاظت ۽ پائيدار سياحت کي هٿي ڏيڻ جو پيغام ڏئي ٿو

بقايا | 37 | روزاني عبرت

پروگرام جو چيئرمين رانا مشهود احمد خان مسقط پهچي ويو ايئرپورٽ تي پاڪستاني سفير سيد نويد صفدر بخاري ۽ ڪاروباري شخصيتن سندس آجيان ڪئي پي ايم وائي پي مان جاري بيان موجب رانا مشهود احمد دوري دوران اهم ملاقاتون ڪندو جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي گڏيل لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ تي ڳالهيون ڪيون وينديون رانا مشهود احمد خان پنهنجي دوري دوران نوجوانن لاءِ نون موقعن جي باري ۾ اهم اڳڀرائين جو امڪان آهي جڏهن ته ٻنهي ملڪن جي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پڻ ڳالهيون ڪيون وينديون چيئرمين يوٿ پروگرام پاڪستاني ڪميونٽي سان پڻ ملاقاتون ڪندو

بقايا | 38 | روزاني عبرت

ڪي فليٽ ۾ شامل ڪيل نئين آبدوز پي اين ايس / ايم هنگور جي لائيو ويپن فائرنگ جي پهرين ڪامياب تجربي تي خراج تحسين پيش ڪندي مبارڪ ڏني آهي آچر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق وزيراعظم چيو ته اينٽي شپ ڪروز ميزائل ذريعي ڊگهي فاصلي جي هدف کي درستگي سان نشانو بڻائڻ پاڪ بحريه جي آبدوز فورس جي غير معمولي آپريشنل تياري، پيشهورانہ مهارت ۽ بلند جنگي صلاحيت جو پاڻ ڳالهائيندڙ ثبوت آهي وزيراعظم قومي سلامتي کي درپيش ڪنهن به چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ هٿياربند فوج جي مڪمل تياري کي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪومت جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪيو وزيراعظم چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف ۽ پي اين ايس / ايم هنگور جي شموليت ۽ آپريشنلائيزيشن جي ان عمل سان لاڳاپيل سڄي عملي جي پيشهورانہ ڪارڪردگي کي به ساراهيو

بقايا | 39 | روزاني عبرت

آءِ پي پيز جي معاهدن ۽ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي جي احتجاجي تحريڪ جاري آهي احتجاجي تحريڪ ختم نه پر ملتوي ڪئي وئي آهي جيڪڏهن حڪومت عوام جا مطالبا تسليم نه ڪيا ته ملتان مان سير لانگ مارچ شروع ڪيو ويندو نارٿ ناظم آباد جي قائيم استار چورنگي تي قائم احتجاجي ڪيمپ جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڪراچي سميت سڄي پاڪستان ۾ احتجاجي ڪيمپ قائم ڪيا ويا آهن ۽ ڪروڙين عوامي محضرنامن سان اسلام آباد طرف مارچ ڪيو ويندو جماعت اسلامي جو ڪو ذاتي ايجنڊا ناهي اسان جي جدوجهد صرف عوام جي حقن لاءِ آهي هن ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته محضرنامو کڻي گهٽيءَ ۽ بازارن ۾ وڃن عوام کي موجوده مسئلن کان آگاهه ڪن ۽ انهن کان مطالبن جي حق ۾ محضرنامو ڀرائين

بقايا | 40 | روزاني عبرت

سيپٽمبر 2026ع کان ٿيندي جنهن ۾ مختلف علائقائي ٻولين جا چار اسٽيج ڊراما پيش ڪيا ويندا فيسٽيول ۾ بلوچي، سنڌي، ڪڇي ميمڻي گجراتي ۽ سرائيڪي ٻولين جا ڊراما شامل آهن فيسٽيول جي مختلف ڊرامن جي هدايتڪاري رضوان صابر آدم راڻو رفيق لاسي ۽ ظهور ملڪ ڪندا فيسٽيول ذريعي مختلف علائقائي ٻولين ثقافتن روايتن ۽ سماجي موضوعن کي اسٽيج ذريعي اجاگر ڪيو ويندو ان موقعي تي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي صدر سيد محمد احمد شاهه چيو ته علائقائي ٻوليون اسان جي ثقافتي سڃاڻپ ۽ تهذيبي ورثي جو اهم حصو آهن ريجنل ڊراما فيسٽيول ذريعي مختلف ٻولين سان تعلق رکندڙ فنڪارن کي هڪ پليٽ فارم فراهم ڪيو پيو وڃي ته جيئن علائقائي ٿيٽر کي هٿي ملي ۽ نئين نسل کي پنهنجي ٻولين ثقافت ۽ روايتن سان جوڙي سگهجي فيسٽيول ۾ سنڌي اسٽيج ڊرامو "اميد" پڻ پيش ڪيو ويندو جنهن جي لکڻي يعقوب ڪلهوڙو ۽ هدايتڪاري رضوان صابر ڪئي آهي ڊرامو سمنڊ سان لاڳاپيل ماهيگيرن جي زندگي، سندن محنت، مشڪلاتن خوشين، احساسن ۽ اميدن جي عڪاسي ڪري ٿو سنڌي اسٽيج ڊرامي "اميد" ۾ نسرين ناز، ذوالفقار شاهه ڪومل ناز عرس ناريجو يعقوب ڪلهوڙو منظور بروهي، رشيد راجا ،قادر جاکرو، ابي جي خان ۽ ٻيا فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا ريجنل ڊراما فيسٽيول علائقائي ٿيٽر ٻولين ۽ ثقافت جي فروغ لاءِ هڪ اهم ثقافتي سرگرمي آهي جنهن ذريعي ڪراچي جي شوقينن کي مختلف علائقائي ٻولين ۾ معياري اسٽيج ڊراما ڏسڻ جو موقعو ملندو

بقايا | 41 | روزاني عبرت

سرڪاري دورو پڄاڻي تي پهچي ويو ان کي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٻه طرفي ۽ پارلياماني لاڳاپن کي مستحڪم ڪرڻ طرف اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو آهي بيلاروس جي نيشنل اسيمبلي جي ڪائونسل آف دي ري پبلڪ جي چيئرپرسن نتاليه ڪوچانووا رات دير سان سيد يوسف رضا گيلاني ۽ پاڪستاني پارلياماني وفد کي الوداع چوڻ لاءِ ذاتي طور تي منسڪ نيشنل ايئرپورٽ پهچي دوري دوران سينيٽ چيئرمين ڪائونسل آف دي ري پبلڪ جي قيادت ۽ ٻين بيلاروس جي عملدارن سان اهم ملاقاتون ڪيون جن ۾ پارلياماني تعاون کي هٿي وٺرائڻ ۽ گڏيل دلچسپي سميت مختلف شعبن ۾ ٻه طرفي رابطن کي وسعت ڏيڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون

بقايا | 42 | روزاني عبرت

جي ڏي وٺ دوران ٻن ڄڻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته هڪ جوابدار کي بنا مزاحمت گرفتار ڪيو ويو پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ترجمان موجب ڪارروائي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ محمد ريحان ۽ طفيل احمد عرف اسعاد طور ٿي آهي جڏهن ته بنا مزاحمت گرفتار ڪيل جوابدار جي سڃاڻپ عبدالرحيم عرف آر ڪي طور ٿي آهي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن جو تعلق لياري جي گينگسٽر بلال پيپو ۽ ماما يعقوب جي گروهه سان آهي زخمي گرفتار ڀتا خور جوابدار محمد ريحان 2025ع ۾ جهان آباد ۾ قائم منشيات جي اڏي جي ڪم شروع ڪيو هو جنهن ڪانپوءِ طلحا جهانگير جي چوڻ تي ماما يعقوب جي گروهه ۾ شامل ٿيو جوابدار محمد ريحان پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ ڪباڙ مارڪيٽ جي واپارين کان ڀتو وصول ڪرڻ ۽ ڀتو نه ڏيندڙن ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ لاءِ فائرنگ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي 10 سيپٽمبر 2026ع تي پڻ جوابدار پنهنجي گرفتار ساٿي عبدالرحيم سان گڏ ميرن ناڪي تان فرار ٿيڻ دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي هوائي فائرنگ ڪرڻ ۾ ملوث رهيو ترجمان موجب عبدالرحيم عرف آر ڪي ڀتو وصول ڪرڻ سان گڏ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ پڻ ملوث آهي زخمي گرفتار جوابدار طفيل احمد عرف اسعاد 2013ع ۾ سڪندر عرف سکو جي اسٽريٽ ڪرمنل گروهه ۾ شامل ٿيو هو جوابدار پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ بئنڪن مان رقم ڪڍي واپس ويندڙ ماڻهن کان ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي 2026ع ۾ هو پنهنجي گرفتار ساٿي ريحان جي چوڻ تي ڀتا خوري واري گروهه ۾ شامل ٿيو پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ايس آءِ يو پوليس جي گڏيل ڪارروائي ڪانپوءِ زخمي گرفتار جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ جاچ پڻ جاري آهي پاڪستان رينجرز (سنڌ) شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته ڏوهن جي روڪٿام لاءِ اهڙن عنصرن بابت فوري طور ويجهي رينجرز چيڪ پوسٽ کي اطلاع ڏنو وڃي يا رينجرز هيلپ لائن 1101 ۽ رينجرز مددگار واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي ڪال يا ايس ايم ايس ذريعي اطلاع فراهم ڪيو وڃي ترجمان موجب اطلاع ڏيندڙ جو نالو راز ۾ رکيو ويندو

بقايا | 43 | روزاني عبرت

مبينا طور اغوا ڪري ورتو جنهن ڪانپوءِ هو لاپتا ٿي ويو صبح جو سندس ڪار پنوعاقل پرسان سڌوجا واري علائقي مان لاوارث حالت ۾ ملي مغوي صحافي عظيم سيال ڊي ايس پي ڪچي بندي محمد خان سيال جو ڀاءُ آهي ايڊووڪيٽ نور محمد سيال جو ڀاءُ آهي سندس ڀاءُ ڊي ايس پي محمد خان سيال موجب، عظيم سيال کي ڪچي وارن ڌاڙيلن ڌمڪيون ڏنيون ڪئي ويڄ جو خدشو آهي سندس چوڻ هو ته خاندان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي ڊي ايس پي محمد خان سيال ٻڌايو ته مبينا اغواڪارن عظيم سيال جي موبائل نمبر تان فون ڪرائي سندس ڀاءُ سان ڳالهه ٻولهه ڪرائي جنهن دوران عظيم سيال ٻڌايو ته کيس اغوا ڪيو ويو آهي ۽ پئسن جو بندوبست ڪيو وڃي وارثن موجب مبينا اغواڪارن پاران هڪ ڪروڙ رپيا ڀڙنگ طلب ڪيو ويو آهي واقعي ڪانپوءِ سيال برادري جا ماڻهو خانپورمهر جا صحافي ۽ ٻين علائقن جا ساٿي وڏي انگ ۾ گڏيون سڌوجا ۽ ڪچي واري علائقي ۾ پهچي ويا آهن ۽ عظيم سيال جي بازيابي لاءِ ڪوششون جاري آهن سينئر صحافي جي اغوا واري واقعي خلاف صحافي برادري ۾ سخت ڳڻتي ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي خانپورمهر گهوٽڪي ميرپورماٿيلو ڏهرڪي اوٻاوڙو ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ سميت مختلف شهرن ۾ صحافين پاران احتجاجي مظاهرا ۽ ڌرڻا هنيا ويا، جن ۾ عظيم سيال جي فوري ۽ محفوظ بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو واقعي جو گهرو وزير ضياءالحسن لنجار نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي سکر کان رپورٽ طلب ڪئي ۽ صحافي عظيم سيال جي فوري بازيابي لاءِ هدايتون جاري ڪيون جڏهن ته آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي گهوٽڪي کان رپورٽ طلب ڪئي ۽ مغوي صحافي کي باحفاظت بازياب ڪرائڻ جون هدايتون ڏنيون

بقايا | 44 | روزاني عبرت

پي گهوٽڪي جي اڳواڻي ۾ پوليس جي وڏي نفري پنوعاقل پرسان گڏيون سڌوجا جي ڪچي واري علائقي ۾ پهچي وئي آهي جتي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ سرچ ۽ آپريشن جاري آهي ايس ايس پي سکر پاران صحافي عظيم سيال کي 24 ڪلاڪن اندر بازياب ڪرائڻ جي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي

بقايا | 45 | روزاني عبرت

سندس گهر ۾ روڄ راڙو متل آهي جڏهن ته وارثن ۽ صحافي برادري پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته مغوي صحافي کي بنا دير محفوظ ۽ خيريت سان بازياب ڪرايو وڃي آخري اطلاعن تائين سينئر صحافي محمد عظيم سيال جي بازيابي عمل ۾ نه اچي سگهي هئي جڏهن ته پوليس جو آپريشن جاري هو

بقايا | 46 | روزاني عبرت

رهيون آهن پاڪستان پهريون ڀيرو ورلڊ اسڪلز مقابلي ۾ شرڪت ڪندي شنگهائي ۾ مختلف شعبن ۾ شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو ۽ عالمي سطح تي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو پاڪستان طرفان پهريون ڀيرو ورلڊ اسڪلز مقابلي ۾ شرڪت ڪندڙ ٽن نوجوانن مدثر حسين اليڪٽريڪل انسٽاليشن محيد محبوب ڪوڪنگ جڏهن ته نبيل عارفين ميمڻ گرافڪ ڊيزائن ٽيڪنالاجي جي مقابلي ۾ حصو ورتو پاڪستاني نوجوانن نيشنل ووڪيشنل اينڊ ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪميشن جي نگراني هيٺ منعقد ٿيندڙ مختلف مرحلن وارن قومي هنر منڊي جي مقابلن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندي ورلڊ اسڪلز مقابلي تائين رسائي حاصل ڪئي ان ڊگهي ۽ ڏکئي مرحلي ۾ زونل علائقائي صوبائي ۽ قومي سطح جا مقابلا شامل هئا.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

دهشتگرديءَ جو نئون چئلينج ۽ رياست جي ذميواري
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزادہ
گڏيل قومن جي هال ۾ امن جو آواز: پاور طاقت جي دنيا ۽ تبديل ٿيندڙ عالمي نظام!
صفحو 4

جهيڙن جي ناسور خلاف ڪارروائي ڇو نٿي ٿئي؟
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
صفحو 4

عزيزالله ٿونڊائي
21هين صديءَ جو نئون انقلاب: مصنوعي ذهانت ۽ انساني مستقبل!
صفحو 4

ميهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف سياسي سماجي ڌرين ۽ شهري اتحاد پاران 15هين ڏينهن به احتجاج

احتجاج جي اڳواڻي نياز علي بروڙو، ايوب ڪوسو، عابد علي ڪلهوڙو، مير ڪوسو، ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

ميهڙ شهر جا رهواسي ڊگهي عرصي کان بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن، پيئڻ جي پاڻي ۽ صفائيءَ جو مسئلو سنگين بڻيل آهي

بار بار مطالبن ۽ احتجاجن باوجود مسئلن جي مستقل حل لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ويا آهن، شهر جا سمورا بنيادي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن

ميهڙ(رپورٽ:نعمت الله مهيسر) ميهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ۽ مختلف سياسي، سماجي، مذهبي ۽ واپاري ڌرين جي احتجاجي جدوجهد 15هين ڏينهن به جاري رهي، شهري اڳواڻن ۽ شهرين پاران شهر ۾ صاف ۽ مٺي پاڻي جي فراهمي، صفائي سترائي جو نظام بهتر ڪرڻ ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي فوري حل لاءِ احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي شهري اتحاد ميهڙ جي اڳواڻ نياز علي بروڙو، پي پي آءِ اڳواڻ ايوب ڪوسو ايڊووڪيٽ عابد علي ڪلهوڙو قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو، ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو عبدالفتاح شاهه زبير سمون صدام حسين ٿهيم، شورم يونين اڳواڻ محرم علي بروڙو شير خان ڪوسو رئيس ملر ديدار علي دريائي سيٺ اشتياق تنيو اقبال شاهاڻي، سردار شير محمد آڳرو اسماعيل بروهي، شڪيل عطاڻ مختيار سنڌي، محمد عرس ڪوسو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ۽ شهرين چيو ته ميهڙ شهر جا رهواسي ڊگهي عرصي کان بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي جو مسئلو سنگين بڻيل آهي، جڏهن ته صفائي سترائي جو نظام به بهتر نه هجڻ سبب مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن، جنهن ڪري شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو ته شهرين کي صاف پاڻي، بهتر صفائي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي پر بار بار مطالبن ۽ احتجاجن باوجود مسئلن جي مستقل حل لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ويا آهن شهرين مطالبو ڪيو ته ميهڙ شهر ۾ فوري طور صاف ۽ مٺي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي صفائي جو نظام بهتر ڪيو وڃي ۽ شهر جا سمورا بنيادي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن احتجاجي جدوجهد ۾ ايڊووڪيٽ اياز علي ڪوسو محمد خان چانڊيو سجاد لاشاري سونو سولنگي سهيل مهيسر محمد خان ڪوسو نواب خاصخيلي سيٺ منٺار سولنگي جاويد منگي زبير سمون ريحان ٻگهيو سميت سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن واپارين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙن واضح ڪيو ته جيستائين ميهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل ڪري شهرين کي گهربل سهولتون فراهم نه ڪيون وينديون تيستائين احتجاجي جدوجهد جاري رکي ويندي اڳواڻن انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته شهرين جي جائز مطالبن جو فوري نوٽيس وٺي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن.

ميهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

وفاقي حڪومت کي پنهنجي فيصلن ۾ عوامي راءِ کي لازمي شامل ڪرڻو پوندو: سيد نويد قمر

پيٽرول جي اگهن ۾ مسلسل واڌ، لاٽ عالمي مارڪيٽ سان ڪٺي وڃي ٿي، حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ليوي کي ختم ڪري

نون صوبن جي اشوءَ کي هٿي پيدا ڪرڻ بجاءِ ملڪ جي ترقي خوشحالي طرف توجهه ڏنو وڃي

ايم اين اي سيد نويد قمر جون مختلف ترقياتي اسڪيمن جي افتتاح وقت ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان(اسٽاف رپورٽر) اڳوڻي وفاقي وزير ايم اين اي سيد نويد قمر مختلف ترقياتي اسڪيمن جي افتتاح جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي حڪومت کي پنهنجي فيصلن ۾ عوامي راءِ کي لازمي شامل ڪرڻو پوندو پيٽرول جي اگهن ۾ مسلسل واڌ، لاٽ عالمي مارڪيٽ سان ڪٺي وڃي ٿي حڪومت عوام کي رليف ڏيارڻ لاءِ پيٽرول جي قيمتن ۾ ليوي کي ختم ڪري عوام لاءِ رليف ڏنو وڃي هن چيو ته مهانگائي جو اثر ملڪي معيشت کي تمام گهڻو نقصان رسايو آهي پي ٽي آئي جي سربراهه جي رهائي واري احتجاج ۾ قيادت کي صحيح فيصلا ڪري ڳالهين لاءِ ٽيبل ٽاسڪ ڪرڻ گهرجي احتجاجن ذريعي سان مسئلا حل ڪرڻ بجاءِ اشو تي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ پنهنجو موقف مضبوط ڪرڻ گهرجي هن چيو ته نون صوبن جي اشو کي هٿي پيدا ڪرڻ بجاءِ ملڪ جي ترقي خوشحالي طرف توجهه ڏنو وڃي سنڌ جي تقسيم خلاف سنڌ اسيمبلي جي ڪيل فيصلي تي سمورين قومي پارٽين کي يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ گهرجي سنڌ کي ڪير به حصن ۾ تقسيم ڪري نٿو سگهي، هن چيو ته سارين جي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ رائيس ملن جي اندر موسچر واري تڪرار کي ختم ڪرڻ گهرجي، سنڌ زرعي صوبو هجڻ ڪري ان جي ترقي خوشحالي لاءِ زراعت کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي سنڌ ۾ آبادگارن کي مالي طور نقصان رسائڻ سان زرعي معيشت تي تمام گهڻو خراب اثر پيدا ٿيندو فصلن جي پيداوار کي روڪڻ ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي زراعت لاءِ فائديمند ثابت نه ٿيندو انهي موقعي تي پ پ يوٿ اڳواڻ سيد سلال شاهه بخاري، پ پ اڳواڻ مير علي رضا ٽالپر ڊپٽي ڪمشنر ڏرمون ڀاواني ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين سيد شاهنواز شاهه بخاري، سيٺ موهن لال ايسراڻي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.



ٽنڊو محمد خان اڳوڻي وفاقي وزير، ايم اين اي سيد نويد قمر مختلف ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪندي

”وس وارن ڌاڻهن نه ٻڌي“

حيدرآباد ۾ واسا ملازمن جو 86 ڏينهن به احتجاج جاري

ميهڙ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقي ميهڙ جي تنظيمي اجلاس بعد مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ميهڙ ۾ ايس يو پي جو تنظيمي اجلاس، سنڌو درياهه جي بقا ۽ پاڻي جي حق لاءِ جدوجهد تي زور

سنڌو کي سنڌ جي سڃاڻپ، تهذيب، ثقافت ۽ زندگيءَ جو ضامن قرار، عوامي آواز وڌيڪ سگهارو بڻائڻ جو عزم

لاڙڪاڻي ۾ رٿيل وحدتِ سنڌ ريلي جي تيارين ۽ يونٽن وارڊن جي تنظيم سازي بابت مشاورت

ميهڙ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقي ميهڙ جي اهم تنظيمي اجلاس ٿي گذريو، جنهن جي صدارت ايس يو پي ضلعي سيڪريٽري نثار احمد لاکير ڪئي گڏجاڻي ۾ سنڌو درياهه جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سنڌو درياهه جي اهميت، سنڌو درياهه جي بقا ۽ پاڻي جي حق بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اڳواڻن چيو ته سنڌو رڳو هڪ درياهه جو نالو ناهي سنڌو سنڌ جي سڃاڻپ، تهذيب، ثقافت ۽ زندگيءَ جو ضامن آهي سنڌو اسان جو ساهه آهي، سنڌو اسان جي جان آهي، سنڌو سان سنڌ جي وجود جو رشتو جڙيل آهي سنڌو درياهه جي پاڻي ۽ بقا جي معاملي تي سنڌ جي عوام جي آواز کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ ۽ پرامن جمهوري جدوجهد کي منظم انداز ۾ اڳتي وڌائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو. گڏجاڻي ۾ تنظيمي ڪم ڪار کي وڌيڪ فعال بڻائڻ، لاڙڪاڻي ۾ رٿيل وحدتِ سنڌ ريلي جي تيارين، يونٽن ۽ وارڊن جي تنظيم سازي، جڏهن ته سائين امداد جي ورسي جي حوالي سان پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ جي وحدت، سنڌو درياهه جي بقا ۽ سنڌ جي حقن لاءِ هر ڪارڪن کي منظم، متحرڪ ۽ پرامن جمهوري جدوجهد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. گڏجاڻي ۾ ايس يو پي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر برڪت جتوئي، ضلعي سيڪريٽري نثار احمد لاکير، تعلقي صدر سائين حبيب الله حضوري، امجد سولنگي، عبدالمجيد سومرو، سائين ممتاز سومرو، شيرزادو جتوئي، فاروق خاصخيلي، محمد اڪرم چنا، ماجد سومرو، رحمان علي سومرو، نورمحمد لاکير ۽ انور سنڌي سميت پارٽي جي ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

جاتي پرسان نابين پيرسن ڏنار تي مبينا تشدد، اسپتال منتقل

باا ثر حامد پسيو ۽ سندس پٽ پنن 70 سالن جي مراد راڄو تي حملو ڪيو هو

واقعي جي رپورٽ ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي پر اڃا تائين ڪارروائي ناهي ڪئي وئي

جاتي(ن ع) جاتي پرسان ڳوٺ ٻجو راڄو ۾ پيرسن ڏنار مراد راڄو تي مبينا تشدد جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ ڪيس کهاڙين ۽ لٺين جا وار ڪري سخت زخمي ڪيو ويو. زخمي پيرسن کي ڳنڀير حالت ۾ تعلقي اسپتال جاتي منتقل ڪيو ويو جتي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال ٺٽو ماڪليو ويو ان موقعي تي زخمي پيرسن جي وارثن عبدالحميد راڄو ۽ ٻين هجڻ باوجود ڳوٺاڻن جو سال چارڻ جو ڪم ڪري پنهنجي گذر سفر ڪندو آهي هنن الزام لڳايو ته علائقي جي بااثر شخص حامد پسيو ۽ سندس پٽ پنن مبينا طور کهاڙين ۽ لٺين سان حملو ڪري پيرسن کي مرڇينگ ڪري ڇڏيو وارثن موجب واقعي جي رپورٽ جاتي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي پر هيل تائين جوابدارن خلاف ڪا مؤثر ڪارروائي عمل ۾ نه آئي آهي...

جاتي ۾ بااثر جي حملي ۾ زخمي ٿيل پيرسن اسپتال ۾ داخل آهي

مهنگائي ڊيٽا ماڻهن جي ضرورتن پوري ڪرڻ کان قاصر

ماتلي ۾ درياهن جي عالمي ڏينهن تي ايس يو پي جي ريلي

”سنڌو ۾ ساهه“ جي عنوان هيٺ ٿلهڙا چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

ماحولياتي گدلاڻ ۽ تمرجا ٻيلا ختم ٿيڻ سبب درياهن ۽ ٻيلن کي نقصان پهچي پيو آهي

ماتلي ايس يو پي طرفان سنڌو ۾ ساهه جي عنوان تحت ريلي ڪڍي پئي وڃي

منڍي ۾ راڄپوتانا پريميئر ليگ سيزن فور جو آڪشن

مختلف ٽيمن جي مالڪن، ڪپتانن ۽ رانديگرن پاران آڪشن تقريب ۾ ڀرپور شرڪت

رانديگرن کي وڌيڪ منظم ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزون پيش

خيرپور ناٿن شاهه ۾ ف ليگ جي انفارميشن ونگ جو اجلاس ٿي گذريو

سڪرنڊ ۾ انڊ اڪيڊمي پاران 280 شاگردن کان اسڪالرشپ لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي

ٽيسٽ ۾ 30 چوڪرن ۽ 30 چوڪرين کي پوزيشن حاصل ڪرڻ تي اڪيڊمي ۾ مڪمل مفت تعليم فراهم ڪئي

سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي خاص مهمان طور شرڪت ڪري شاگردن کان معلومات پڻ حاصل ڪئي

پاس ٿيندڙ شاگردن لاءِ داخلا فيس معاف ۽ ماهوار فيس ۾ 50 سيڪڙو رعايت جو اعلان

سڪرنڊ انڊ اڪيڊمي آف ايڪسيلنس پاران شاگردن ۽ شاگردياڻين کان اسڪالرشپ ٽيسٽ ورتي پئي وڃي

ڪوٽڙي واسڻ پنهنجي نديي پيڻ خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

نديي پيڻ شهنيلا هراسان ڪري لڪين رپيا وٺڻ چاهي ٿي: شمائلا جاويد

وس وارن کي اپيل آهي ته اسان خلاف داخل ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي

پيٽرول، بجلي ۽ گيس ۾ اگهن ۾ گهڻائي ۽ لوڊشيڊنگ خلاف جماعت

اسلامي پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڪنڊيارو پيٽرول، بجلي ۽ گيس جي اگهن ۾ گهڻائي ۽ لوڊشيڊنگ خلاف جماعت اسلامي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميهڙ فورم جي نئين باڊي جي جوڙجڪ

جوڙجڪ بعد مختلف عهديدارن ۽ ميمبرن کي ذميواريون سونپيون ويون

نئين باڊي ۾ ذوالفقار علي ڪوڪر صدر، محمد خان ڪوسو سينيئر نائب صدر مقرر

ميهڙ فورم جي نئين باڊي لاءِ اجلاس ڪيو پيو وڃي

ڊرائين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران احتجاجي مظاهرو

گلاب لغاري ايس يو پي طرفان درياهن جي عالمي ڏهاڙي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ عورتن جي ڪيس تان ڪلڻ ۾ موتمار ڏمڪين خلاف احتجاج

ڏٿي بخش سولنگي ۽ ٻيا رستي ۾ روڪي موتمار ڏمڪيون ڏين ٿا: مظاهرين

انڌ سنڌ، آءِ جي ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪري

ڏکڻ ۽ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن پاران ختم نبوت چوڪ

جو افتتاح ڪيو ويو

مسوپرڳڙي ۾ مهانگائي ۽ پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

پيٽرول 400 رپين جي لڳ ڀڳ پهچڻ سان گهٽ آمدني وارن طبقن لاءِ زندگي گذارڻ ڏکيو ٿي ويو آهي: مظاهرين

ٻارڻ جي مهانگائي سان ٽرانسپورٽ، مال برداري، زراعت ۽ روزمره جي شين جي قيمتن تي اضافي دٻاءُ پيو آهي

مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب حقيقي آمدني متاثر ٿي، گهٽ آمدني وارن طبقن لاءِ ٽارگيٽيڊ سهولتن ۽ روزگار وڌائڻ تي زور

مسوپرڳڙي (رپورٽ:غلام قادر وسير) پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن مهانگائي ۽ بيروزگاري عام ماڻهو خاص طور پورهيت ۽ گهٽ آمدني وارن طبقن جي معاشي پريشانين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي مسوپرڳڙي ۾ ”عبرت“ سان ڳالهائيندي پورهيت مزاحمت تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ نثار لغاري، ايس ايس ٽي پي جي اڳواڻ عبدالرحمان بروهي، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ عبدالستار ابڙو ۽ سنڌين نيشنل ڪانگريس جي اڳواڻ ڪامريڊ محب لغاري،شيعا علماء ڪائونسل ضلع حيدرآباد اڳواڻ زوار عابد حاجاڻو مهانگائي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته وڌندڙ خرچن سبب عام ماڻهو لاءِ ... ڊيزل 408.53 رپيا في ليٽر درج هئا تيل جي قيمت ۾ واڌ جو اثر صرف گاڏين جي مالڪن تائين محدود نٿو رهي ٽرانسپورٽ، زرعي مشينري، مال برداري، صنعت ۽ روزمره جي شين جي رسد جا خرچ وڌڻ سان ان جو اثر خوراڪ ۽ ٻين ضروري شين جي قيمتن تي به منتقل ٿيڻ جو امڪان وڌي وڃي ٿو پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس (PBS) جي آگسٽ 2026ع جي رپورٽ موجب ملڪ ۾ عام صارف قيمت انڊيڪس (CPI) مهانگائي سالانه بنياد تي 11.1 سيڪڙو وڌي شهري علائقن ۾ مهانگائي 10.4 سيڪڙو ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ 12.2 سيڪڙو رهي ساڳئي مهيني هول سيل پرائس انڊيڪس (WPI) ... اڪثر موجب خوراڪ شين جي قيمتن ۾ نمايان واڌ پڻ رڪارڊ ڪئي وئي آهي ٻهراڙيءَ واري CPI ۾ ٽماٽن بصرن ڪڻڪ ڪڻڪ جي اٽي ۽ ٻين خوراڪي شين جي قيمتن ۾ واڌ ڏٺي وئي ساڳئي عرصي ۾ موٽر فيول ٽرانسپورٽ سروسز ۽ بجلي جي خرچن ۾ به واڌ رڪارڊ ڪئي وئي ان صورتحال ۾ هڪ پورهيت جي پگهار جيڪڏهن ساڳئي رفتار سان نه وڌي ته حقيقي آمدني گهٽجي وڃي ٿي، يعني پگهار ساڳي رهڻ باوجود ان سان خريد ڪري سگهجندڙ شين جو مقدار گهٽجي وڃي ٿو مهانگائي جو بار ان وقت وڌيڪ شديد بڻجي وڃي ٿو.

مٽلي لوهار محلي واسين جو پنجين ڏينهن به احتجاج، انصاف جو مطالبو

مٽلي پٽ کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سڪا ميهڙ شاخ پاران تعلقه اسپتال ايم ايس ڊاڪٽر گرونا پرجوائي جي مان ۾ تقريب

سڪرنڊ ۾ شاهين انسٽيٽيوٽ پاران ڪورس مڪمل ڪندڙ شاگردن جي مان ۾ اعزازي تقريب

تقريب ۾ تعليمي ماهرن، مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن جي شرڪت

ڏکڻ ختم نبوت چوڪ جو افتتاح ڪرڻ بعد دعا گهري وئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 28 سيپٽمبر 2026ع

دهشتگرديءَ جو نئون چئلينج ۽ رياست جي ذميواري

ڏيره اسماعيل خان ۾ امن ميلي جي هنڌ تي قائم جوائنٽ چيڪ پوسٽ تي خودڪش حملو، جنهن ۾ پاڪستان ڪسٽمز، ايڪسائيز ۽ پوليس جي اهلڪارن سميت قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ جون خبرون سامهون آيون آهن. ملڪ جي امن امان واري صورتحال بابت هڪ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي تصوير پيش ڪري ٿو. ان کان به وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته حملي کان پوءِ امدادي ۽ ريسڪيو ٽيمن کي به نشانو بڻايو ويو، جنهن ۾ ريسڪيو گاڏين جا ڊرائيور زخمي ٿيا. جيڪڏهن هڪ حملي کان پوءِ زخمين ۽ متاثرن جي مدد لاءِ پهچندڙ ماڻهو به محفوظ نه هجن ته اها صورتحال رڳو دهشتگردي نه پر انساني همدردي ۽ سماجي تحفظ لاءِ به وڏو خطرو بڻجي وڃي ٿي. رپورٽ موجب شهيد ٿيندڙن ۾ عورتون ۽ هڪ معصوم ٻار به شامل آهن. معصوم ٻار جو دهشتگرديءَ جو نشانو بڻجڻ ان تلخ حقيقت کي اجاگر ڪري ٿو ته تشدد ڪنهن هڪ اداري، علائقي يا طبقي تائين محدود ناهي رهيو. دهشتگرديءَ جو سڀ کان خطرناڪ پاسو اهو آهي ته اها عام زندگيءَ جي بنيادي احساسِ تحفظ کي متاثر ڪري ٿي. ماڻهو بازار، اسڪول، روڊ، ڪم جي هنڌ ۽ سرڪاري چيڪ پوسٽ تائين کي محفوظ سمجهڻ جي قابل نه رهن ته معاشري ۾ خوف جي فضا جنم وٺي ٿي. ٻئي طرف ڏيره بگٽي ۾ ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين جي گهر تي حملي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ ۽ ڪيترن ئي حملي آورن جي مارجي وڃڻ جي خبر به سامهون آئي آهي. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ سيڪيورٽي فورس جو هڪ اهلڪار شهيد ۽ ٻه زخمي ٿيڻ پڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي اهلڪار مسلسل پنهنجي جانين جي قرباني ڏئي رهيا آهن. رياست لاءِ ضروري آهي ته شهيد ۽ زخمي اهلڪارن جي خاندانن جي مڪمل سرپرستي ڪئي وڃي ۽ سندن قربانين کي رڳو بيانن تائين محدود نه رکيو وڃي. انهيءَ سان گڏ لورالائي جي دڪي واري علائقي ۾ تعميراتي ڪمپني جي ڪيمپ تي حملو ۽ 18 مزدورن جي مبينا اغوا جي خبر صورتحال جو هڪ ٻيو خطرناڪ رخ سامهون آڻي ٿي. مزدور، جيڪي ملڪ جي ترقياتي منصوبن لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن هٿياربند گروهن جو نشانو بڻجن ٿا ته ان جا اثر رڳو انساني جانين تائين محدود نٿا رهن. اهڙا واقعا ترقياتي سرگرمين، روزگار ۽ مقامي معيشت لاءِ به مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. مشينري ۽ سامان کي ساڙڻ سان رياست ۽ عوام جا وسيلا ضايع ٿين ٿا، جڏهن ته مزدورن جي اغوا سان سندن خاندانن تي هڪ الڳ اذيت نازل ٿئي ٿي.

هن سموري صورتحال ۾ هڪ اهم سوال اهو آهي ته دهشتگردن کي بار بار اهڙيون ڪارروايون ڪرڻ جا موقعا ڇو ملي رهيا آهن؟ هر حملي کان پوءِ سرچ آپريشن ۽ ڪارروائي ضروري آهي پر مستقل امن لاءِ صرف واقعي کان پوءِ جو ردعمل ڪافي ناهي. انٽيليجنس، پوليسنگ، سرحدي نگراني، مقامي انتظاميا، عوامي سهڪار ۽ دهشتگردن جي مالي نيٽ ورڪن خلاف ڪارروائي کي هڪ گڏيل حڪمت عمليءَ جو حصو بڻائڻو پوندو. ساڳئي وقت اسلام آباد ۾ امن امان جي نالي تي ڪنٽينر هڻي رستا بند ڪرڻ ۽ شهر جي مختلف حصن کي عام آمدرفت لاءِ ڏکيو بڻائڻ واري صورتحال کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. لانگ مارچ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنٽيل قدمن جو اثر عام شهري تي به پوي ٿو، جڏهن روڊ بند ٿين ٿا، اسپتالن تائين پهچ متاثر ٿئي ٿي، ڪاروباري سرگرميون رڪجن ٿيون ۽ شاگردن، ملازمن ۽ مريضن کي پريشاني پيش اچي ٿي ته سيڪيورٽي ۽ شهري آزاديءَ جي وچ ۾ توازن جو سوال اهم ٿي وڃي ٿو. ڏيره اسماعيل خان کان ڏيره بگٽي ۽ دڪي تائين سامهون ايندڙ واقعا ٻڌائين ٿا ته دهشتگرديءَ جو مسئلو ڪيترن ئي رخن وارو آهي. ان جو جواب به رڳو بندوق سان نه پر مضبوط ادارن، مؤثر انٽيليجنس، بهتر پوليسنگ، مقامي آباديءَ جي اعتماد، تيز انصاف ۽ ترقياتي عمل جي تسلسل سان ڏيڻ ضروري آهي.

ملڪ کي اهڙي پاليسي جي ضرورت آهي، جنهن ۾ دهشتگردن لاءِ ڪا گنجائش نه هجي، پر عام شهري لاءِ به خوف، غير يقيني ۽ غيرضروري بندشن واري زندگي معمول نه بڻجي. امن صرف دهشتگردن کي شڪست ڏيڻ جو نالو ناهي؛ امن تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن شهري بنا خوف جي سفر ڪري سگهن، مزدور پنهنجي ڪم واري هنڌ تي محفوظ هجن، امدادي ڪارڪن زخمين تائين پهچي سگهن ۽ شهرين کي پنهنجي ئي شهرن ۾ رستن جي بندش سبب بي وسي محسوس نه ٿئي. رياست جي اصل ڪاميابي اها هوندي ته اها دهشتگرديءَ کي روڪڻ سان گڏ عوام جو اعتماد به مضبوط ڪري. موجوده صورتحال ان ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿي ته سيڪيورٽي پاليسيءَ کي هنگامي ردعمل کان اڳتي وٺي وڃي هڪ جامع، مستقل ۽ عوام دوست حڪمت عمليءَ ۾ تبديل ڪيو وڃي.

21هين صديءَ جو نئون انقلاب، مصنوعي ذهانت ۽ انساني مستقبل!

عزيزالله نونداڻي

انساني تاريخ هميشه نون ايجادن ۽ انقلابن سان ڀريل رهي آهي. ڦيٿيءَ جي ايجاد کان وٺي صنعتي انقلاب تائين ۽ بجليءَ جي دريافت کان وٺي انٽرنيٽ جي ايجاد تائين، انسان هميشه پنهنجي ذهانت جي زور تي دنيا کي بدلايو آهي. پر اڄ اسان انساني تاريخ جي هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهيون، جتي انسان پاڻ جهڙي هڪ ٻي ذهانت کي جنم ڏئي چڪو آهي، جنهن کي اسان هٿرادو ذهانت يا آرٽيفيشل انٽيليجنس چوندا آهيون. اهو صرف ٽيڪنالاجيءَ جي هڪ نئين ايجاد ناهي پر اهو انساني تهذيب، سوچ، روزگار، علم ۽ زندگي گذارڻ جي انداز ۾ هڪ اهڙو عالمي انقلاب آهي، جنهن پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته هٿرادو ذهانت اڄ ڪنهن هڪ ملڪ، شهر يا خطي تائين محدود ناهي پر اهو هڪ عالمي رجحان بڻجي چڪو آهي. جيڪو يورپ، آمريڪا، ايشيا ۽ آفريڪا سميت سڄي دنيا جي سماجي ۽ معاشي نظام کي تيزيءَ سان تبديل ڪري رهيو آهي.

اڄ جو انسان، چاهي اهو دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ويٺل هجي، هو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ هٿرادو ذهانت جو استعمال ڪري رهيو آهي. اسان جي موبائيل فونن جي وائيس اسسٽنٽس کان وٺي وڏين ڪمپنين جي فيصلن تائين، ٽيڪنالاجي هر جڳهه تي موجود آهي. جنهن جي سادي مفهوم مان مراد ڪمپيوٽر، مشينن يا سافٽ ويئر کي اهڙي صلاحيت ڏيڻ آهي، جنهن سان اهي انسانن وانگر سوچي، سمجهي، فيصلا ڪري ۽ پنهنجي غلطين مان سکڻ جي قابل ٿي سگهن. عام ڪمپيوٽر پروگرام رڳو انهن هدايتن تي ڪم ڪندا آهن، جيڪي انسان انهن ۾ ڀريان ڪان لکندو آهي. پر هٿرادو ذهانت وارا سسٽم بيشمار ڊيٽا جو مطالعو ڪري پاڻ فيصلا ڪندا آهن. ماهر ان کي بنيادي طور تي ٽن حصن، يعني نيرو اي آءِ، جنرل اي آءِ ۽ سپر اي آءِ ۾ ورهائين ٿا. پر اڄڪلهه جنريٽو اي آءِ، جهڙوڪ چيٽ جي پي ٽي ۽ مڊجرني، جهڙا اوزار دنيا ۾ تمام گهڻا مشهور آهن. جيڪي انسان جي هڪ معمولي حڪم تي مضمون لکي سگهن ٿا، خوبصورت تصويرون ٺاهي سگهن ٿا ۽ پيچيده ڪمپيوٽر ڪوڊنگ به ڪري سگهن ٿا.

هن مواصلاتي اوزار پوري دنيا جي وڏن شعبن ۾ هڪ وڏي تبديلي آڻي ڇڏي آهي. صحت جو شعبو سڀ کان اڳيرو آهي. طبي سائنس ۾ اها ٽيڪنالاجي هڪ وڏو مددگار بڻجي سامهون آئي آهي. عالمي سطح تي وڏيون اسپتالون بيمارين جي تيز تشخيص، ڪينسر جي شروعاتي علامتي سڃاڻپ ۽ نون دوائن جي ايجاد لاءِ ان جو وڏي پيماني تي استعمال ڪري رهيون آهن. جنهن سان ايندڙ ڪجهه سالن ۾ نهندڙ دوائون هاڻي ڪجهه مهينن ۾ تيار ٿي وڃن ٿيون. تعليم جي ميدان ۾ پڻ هن نظام هر شاگرد جي ذاتي ضرورت مطابق شخصي استاد وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. شاگرد پنهنجي سمجهڻ جي رفتار مطابق مواد حاصل ڪن ٿا. جڏهن ته صنعت، واپار ۽ اقتصاديات جي عالمي مارڪيٽ ۾ روبوٽڪس ۽ پاڻمرادو هلندڙ ڪارخانن جي اچڻ سان پيداوار ۾ بيشمار واڌ ٿي آهي. بين الاقوامي بينڪون مالي نقصانن کان بچڻ لاءِ ڊيٽا تجزيي جو سهارو وٺي رهيون آهن. ان سان گڏوگڏ سيلف ڊرائيونگ ڪارون، جهڙوڪ ٽيسلا ۽ ويمو اڄ دنيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ بغير ڪنهن ڊرائيور جي هلي رهيون آهن. جيڪي ٽريفڪ جي نظام کي ڪنٽرول ڪري حادثن کي گهٽائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. جتي هٿرادو ذهانت جا اهي بيشمار فائدا آهن، اتي سڄي دنيا جا تاريخدان، سائنسدان ۽ سياستدان ڪجهه سنگين خطرن تي پڻ بحث ڪري رهيا آهن. ورلڊ اڪنامڪ فورم جي رپورٽن مطابق ايندڙ ڪجهه سالن دوران ڊيٽا اينٽري، ڪسٽمر سروس، سادي اڪائونٽنگ ۽ گهڻا ئي فري لانسنگ شعبا مڪمل طور تي مشينن جي حوالي ٿيڻ سان پوري دنيا ۾ ڪروڙين ماڻهن جي روزگار کي خطرو رسندو. ان کان به وڌيڪ خطرناڪ چئلينج جعلي معلومات ۽ ڊيپ فيڪ ٽيڪنالاجيءَ جو ذريعو ايجاد ڪرڻ آهي، جنهن جي مدد سان ڪنهن به انسان جي جعلي وڊيو يا آواز اهڙي ريت تيار ڪيو وڃي ٿو جيڪو مڪمل حقيقي لڳندو آهي. ان سان عالمي سطح تي سياسي بدامني، بليڪ ميلنگ ۽ سماجي ٽوڙ ڦوڙ جا وڏا واقعا جنم وٺي رهيا آهن. جيڪي انساني پرائيويسيءَ کي مڪمل طور تي ختم ڪري سگهن ٿا. ان کان علاوه سڀ کان سنگين معاملو جنگي اوزارن ۽ هٿيارن جو آهي. اهڙا ڊرونز ۽ جنگي روبوٽ تيار ڪيا پيا وڃن، جيڪي پاڻ فيصلو ڪري ڪنهن تي به حملو ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن اهڙي هٿرادو ذهانت جي ڪنٽرول وارا هٿيار ڪنهن غلط هٿ ۾ هليا ويا ته اهي پوري دنيا کي تباهه ڪري سگهن ٿا. ان ڪري پوري دنيا جي انسانن لاءِ اڄ اهو سڀ کان وڏو سوال آهي ته هن دور ۾ پاڻ کي ڪيئن محفوظ رکجي؟ پر ان جو حل ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ کي روڪڻ هرگز ناهي پر ان سان گڏ پاڻ کي بدلائڻ ۽ نون حالتن سان هم آهنگ ڪرڻ آهي. عالمي سطح تي گڏيل قومن جي اداري کي گهرجي ته اهي هٿرادو ذهانت جي اخلاقي استعمال کي يقيني بڻائين ۽ ڊيپ فيڪس کي روڪڻ لاءِ سخت عالمي معاهدا ۽ قانون تيار ڪن.

ان سان گڏوگڏ انسانن کي اهڙيون نيون مهارتون سکڻيون پونديون، جن ۾ انساني جذبا، تخليقي صلاحيتون ۽ نازڪ سوچ شامل هجي، ڇاڪاڻ ته مشينون ڪڏهن به انساني احساسن جو متبادل نٿيون ٿي سگهن. انسان کي مشين سان مقابلو ڪرڻ جي بجاءِ ان کي پنهنجو مددگار بڻائي ڪم جي رفتار کي وڌائڻو پوندو. اهو هڪ اهڙو اوزار آهي، جنهن کي جيڪڏهن صحيح نموني استعمال ڪيو ويو ته اهو دنيا مان بيمارين، غربت ۽ جهالت کي ختم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. مشين ڪيتري به ذهين ٿي وڃي پر اها انسان جي ئي تخليق يا پيدا ڪيل آهي، جنهن وٽ ضمير، روح، پيار ۽ اخلاقيات جا اهي انمول خزانا آهن. جيڪي ڪنهن به سپر ڪمپيوٽر ۾ ڪڏهن به ڊائون لوڊ نٿا ڪري سگهجن. ان ڪري اسان جي مستقبل جو سمورو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته پوري دنيا جا انسان گڏجي هن عظيم طاقت کي انسانيت جي ڀلائي، امن ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪيئن ٿا استعمال ڪن ته جيئن اهو گلوبل دنيا وڌيڪ محفوظ ۽ ترقي يافته بڻجي سگهي.

noondaniaziz786@gmail.com

آمريڪا جي فضائن مان

گڏيل قومن جي هال ۾ امن جو آواز: ٻاهر طاقت جي دنيا ۽ تبديل ٿيندڙ عالمي نظام!

راجا زاهد اختر خانزاده

دنيا جي نقشي تي سرحدن جون خبر ناهي ڪيتريون لڪيرون ڪڍيون ويون آهن. ڪجهه درياهن ناهيون، ڪجهه جبلن، ڪجهه تاريخ ۽ گهڻيون انسان پاڻ پنهنجي خوف، مفاد، جنگ ۽ اقتدار لاءِ ڪڍيون. پر نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي عمارت ۾ داخل ٿجي ته ڪجهه پلن لاءِ ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ دنيا جون سموريون لڪيرون هڪ ئي ڇت هيٺ اچي ويون هجن. هتي اهي ملڪ به موجود هوندا آهن، جيڪي هڪ ٻئي جا دوست آهن، اهي به جيڪي هڪ ٻئي کي مخالف سمجهن ٿا، سي به ۽ جن جي وچ ۾ سرحدن تي بندوقون خاموش نه ٿيون ٿين. هر ملڪ جو پنهنجو جهنڊو، هر وفد جو پنهنجو موقف، هر سربراهه وٽ پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجا مفاد ۽ پنهنجي ترجيح هوندي آهي پر لڳ ڀڳ هر تقرير ۾ هڪ لفظ گڏيل طور تي ٻڌڻ ۾ اچي ٿو اهو آهي 'امن.' گڏيل قومن جي 81هين جنرل اسيمبليءَ جي مختلف اجلاسن ۽ سيشنن ۾ موجود رهندي مان مقررن کي ٻڌي رهيو هئس. ڪڏهن هال کي ڏسندو، ڪڏهن مختلف ملڪن جي وفدن جي چهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ ڪڏهن سوچيندو ته جيڪڏهن هن عمارت اندر ويٺل لڳ ڀڳ سڀ ماڻهو امن گهرن ٿا ته ٻاهر دنيا ۾ ايتري جنگ ڇو آهي؟ جيڪڏهن سڀ عالمي قانون جو احترام گهرن ٿا ته قانون بار بار طاقت جي آڏو بيوس ڇو نظر اچي ٿو؟ جيڪڏهن گڏيل قومون انسانيت جو سڀ کان وڏو گڏيل سياسي ۽ اخلاقي فورم آهن ته دنيا جا وڏا فيصلا ان عمارت اندر نه، بلڪ طاقت جي ٻين مرڪزن ۾ ڇو ٿا ٿين؟ شايد اهو ئي سوال هن ڀيري جنرل اسيمبليءَ جي موضوع ۾ به ڪنهن نه ڪنهن صورت موجود هو ته اعتماد جي بحالي، تبديليءَ کي سنڀالڻ ۽ اهڙيون گڏيل قومون جيڪي سيني لاءِ اثرائتيون هجن. پر عجيب تضاد هو ته عمارت اندر اعتماد بحال ڪرڻ جي ڳالهه ٿي رهي هئي ۽ ٻاهر دنيا پاڻ اعتماد جي بحران مان گذري رهي هئي. غزه جو انساني الميو، ايران ۽ آمريڪا جي ڪشيدگي، يوڪرين جي جنگ، پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ گذريل سال جي فوجي ويڙهه، ڪشمير ۽ پاڻيءَ جو سوال، آمريڪا ۽ چين جي وڌندڙ ويجهڙائي ۽ انهن سڀني وچ ۾ هٿرادو ذهانت جي صورت ۾ ايرندڙ هڪ اهڙي نئين طاقت جنهن وٽ نه فوج آهي، نه سرحد ۽ نه جهنڊو پر جيڪا مستقبل جي طاقت جي توازن کي متاثر ڪري سگهي ٿي.

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس پنهنجي آخري جنرل اسيمبليءَ خطاب ۾ به جنگين جي خاتمي، هٿرادو ذهانت جي عالمي نگرانيءَ، موسمياتي بحران ۽ عالمي ادارن ۾ ئاهه تي زور ڏنو. سندس عهدو جو ٻيو ۽ هلندڙ مدو 31 ڊسمبر تي مڪمل ٿي رهيو آهي. ان ئي ڪوريج دوران مون کي ريبيڪا گرينسپين سان ملاقات ۽ ساڻس گڏ ڪجهه يادگار تصويرون ٺهرائڻ جو موقعو مليو. ڪوسٽا ريڪا جي اڳوڻي نائب صدر ۽ ممتاز ماهرِ معاشيات گرينسپين UN Trade and Development (UNCTAD) جي سيڪريٽري جنرل ۽ هن اداري جي قيادت ڪندڙ پهرين عورت آهي. ڪوسٽا ريڪا هن کي گڏيل قومن جي ايندڙ سيڪريٽري جنرل جي عهدي لاءِ نامزد ڪري چڪو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ طرف مان اهڙي سيڪريٽري جنرل کي ٻڌي رهيو هئس جيڪو 10 سال پوءِ هن عالمي اداري کان جُدا ٿيڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف انهن ئي راهدارين ۾ هڪ اهڙي شخصيت سان ملاقات ٿي رهي هئي، جيڪا ان جي ايندڙ قيادت جي اميدوار آهي. شايد گڏيل قومون به دنيا وانگر ئي آهن. هتي هڪ دور اچا پنهنجيون آخري سٽون لکي رهيو هوندو آهي ته ٻيو خاموشيءَ سان دروازي تي دستڪ ڏئي رهيو هوندو آهي. گڏيل قومن جي ڪوريج جو حُسن اهو آهي ته هتي رڳو ملڪن جا سربراهه، وزيراعظم، پرڏيهي وزير ۽ سفارتڪار ئي هڪ ٻئي سان نٿا ملن، بلڪ دنيا جي مختلف حصن مان ايندڙ صحافي، دانشور ۽ تجزيه نگار به پنهنجي سوچ ۽ تجربو هتي ڪٺي اچن ٿا. هن سفر ۾ پاڪستان مان آيل ڪيترن ئي صحافين ۽ دانشورن سان ملاقات ٿي پر انهن ۾ محمد مهدي صاحب سان ٿيندڙ گفتگو خاص اهميت واري رهي. جيو نيوز واشنگٽن جي عظيم ميان سان گڏ نيويارڪ جي صحافي فرخ جي دعوت تي ساڻس سان تفصيلي ويهڪ ٿي. هو ان ئي آمريڪي دوري ۾ Johns Hopkins University ۾ ايشيا جي تبديل ٿيندڙ سلامتيءَ جي منظرنامي تي گفتگو ڪري رهيو هو سندس بنيادي نڪتو اهو هو ته 21هين صديءَ ۾ قومي سلامتي رڳو فوج، توپ، ٽينڪ ۽ ميزائل جو نالو ناهي؛ معيشت، اثرائتا ادارا، اندروني امن، سائبر سيڪيورٽي، ٽيڪنالاجي ۽ عوام جو رياست تي اعتماد به قومي طاقت جو حصو آهن. هن سان گفتگوءَ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ سوال نئين صورت ۾ آيو: 21هين صديءَ ۾ طاقت آخر ڇا آهي؟ ميزائل؟ معيشت؟ ٽيڪنالاجي؟ ادارا؟ يا پنهنجي نظام تي شهريءَ جو اعتماد؟ شايد اڄ قومي طاقت انهن سڀني جو مجموعو آهي ۽ ان ڪري دنيا جا پراڻا پيمانا به مٽجي رهيا آهن.

جنرل اسيمبليءَ جي مختلف سيشنن ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو خطاب سڀ کان وڌيڪ توجهه حاصل ڪندڙ تقريرن ۾ شامل هو هن کي ٻڌندي مون کي محسوس ٿيو ته هو گڏيل قومن جي منبر تي بيٺل ضرور آهي پر سندس سياسي لغت روايتي ڪثيرالجهتي سفارتڪاريءَ کان وڌيڪ آمريڪي خودمختياري، قومي مفاد ۽ طاقت جي تصور جي آسپاس گهمي ٿي. ايران لاءِ سندس لهجو سخت هو هن International Criminal Court تي تنقيد ڪئي، هٿرادو ذهانت جي عالمي ضابطه ڪاريءَ جي تصورن سان اختلاف ڪيو ۽ آمريڪي طاقت ۽ آزادِ عمل تي زور ڏنو. ٽرمپ کي ٻڌندي تاريخ جو هڪ عجيب تضاد آڏو بيٺل هو ٻي عالمي جنگ کان پوءِ جنهن عالمي نظام جي تعمير ۾ آمريڪا بنيادي معمارن ۾ شامل هو، اڄ ان ئي نظام جي سڀ کان وڏي عالمي منبر تي آمريڪي صدر قومي خودمختياري ۽ طاقت جي اهميت ياد ڏياري رهيو هو. منهنجي لاءِ سوال هي نه هو ته ٽرمپ صحيح آهي يا غلط؛ سوال هي هو ته ڇا دنيا وري ان طرف وڌي رهي آهي جتي عالمي قانون کان وڌيڪ رياست جي پنهنجي طاقت فيصلا ڪندڙ هوندي؟ انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ٻي حقيقت به منهنجي نظرن آڏو بار بار ايندي رهي. ٽيليويزن تي جڏهن ڪنهن ملڪ جو صدر يا وزيراعظم جنرل اسيمبليءَ جي منبر تي بيهي ٿو ته منظر وڏو باوقار نظر اچي ٿو تقرير سڌو نشر ٿئي ٿي، پنهنجي ملڪ ۾ سرخيون بڻجن ٿيون ۽ چونڊيل جملا سوشل ميڊيا تي گردش ڪندا رهن ٿا. پر هال ۾ ويٺلن جي تصوير مختلف نظر اچي ٿي. مون ڪيترين تقريرن دوران نشستن جو وڏو تعداد خالي ڏٺو وفد ايندا ويندا رهيا، ملاقاتون جاري رهيون ۽ ڪنهن مخصوص سربراهه جي واري ايندي ته سندس وفد ۽ لاڳاپيل سفارتي حلقن جي سرگرمي وڌي ويندي هئي. اهو منظر ڏسي مان سوچيندو هئس ته پوءِ اهي اڳواڻ هزارين ميل سفر ڪري هتي تقرير ڪرڻ ڇو ايندا آهن؟ شايد ان ڪري ته جنرل اسيمبليءَ جي تقرير رڳو آڏو ويٺل ڪرسين سان مخاطب هوندي آهي. هتي ايندڙ اڳواڻ شايد پاڻ ڄاڻن ٿا ته ويهن منٽن جي تقرير ڪشمير، فلسطين، يوڪرين يا ايران جو مسئلو حل نه ڪندي پر عالمي سياست ۾ پنهنجو موقف رڪارڊ تي رکڻ به اهم سمجهيو ويندو آهي. اڳتين ڏينهن اهي ئي لفظ اخبارن، ٽيليويزن ۽ ڊجيٽل ميڊيا ذريعي دنيا تائين پهچن ٿا. پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جي تقرير منهنجي لاءِ فطري طور خاص اهميت رکندي هئي. سندس خطاب ٻڌندي محسوس ٿيو ته سندس پليان رڳو پاڪستان جو جهنڊو نه پر ڏکڻ ايشيا جا لڳ ڀڳ 8 ڏهاڪن جا ڪيترائي حل طلب سوال به بيٺل آهن. وزيراعظم 25 سيپٽمبر تي جنرل اسيمبليءَ کان خطاب ڪندي گذريل سال جي پاڪ-ڀارت فوجي ويڙهه جو ذڪر ڪيو ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير جو پڻ ذڪر ڪيو. مون کي سندس تقرير ۾ 'پاڻي' جو لفظ ٻين ڪيترن ئي سياسي لفظن کان وڌيڪ گهرو محسوس ٿيو ڏکڻ ايشيا جا ايندڙ تڪرار شايد رڳو زمين ۽ سرحدن بابت نه هجن، بلڪ زندگيءَ جي بنيادي وسيلن بابت به ٿي سگهن ٿا.

عبرت جي ڪالم نگار راجا زاهد اختر خانزاده نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي 81هين جنرل اسيمبلي جي اجلاس دوران، جڏهن پاڪستان جو وزيراعظم شهباز شريف جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪري رهيو هو

فلسطين جي ڳالهه ٻڌندي منهنجي ذهن ۾ 1988ع جو هڪ پراڻو منظر موٽي آيو ان وقت 'فلسطين لبريشن آرگنائزيشن' جي چيئرمين ياسر عرفات کي آمريڪا نيويارڪ اچڻ جو ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته جنرل اسيمبليءَ فلسطين جي مسئلي تي پنهنجي نشست جنيوا منتقل ڪري ڇڏي، جتي عرفات دنيا سان مخاطب ٿيو لڳ ڀڳ ٽي ڏهاڪن ڪانپوءِ تاريخ پاڻ کي ورجايو. هن ڀيري فلسطيني صدر محمود عباس کي آمريڪا اچڻ جو ويزا نه مليو ۽ هو رڪارڊ ٿيل وڊيو ذريعي جنرل اسيمبليءَ سان مخاطب ٿيو جنرل اسيمبليءَ 152 ووٽن سان سندس ورچوئل شموليت جو رستو کوليو ۽ ڪيترن ئي ملڪن آمريڪي فيصلي تي اعتراض به ڪيو پر 1988ع جهڙو اهو غير معمولي قدم نظر نه آيو جڏهن هڪ فلسطيني اڳواڻ لاءِ نشست ئي نيويارڪ کان جنيوا منتقل ٿي وئي هئي. اسرائيل پنهنجي فوجي ڪارروائين کي پنهنجي سلامتيءَ ۽ حماس خلاف جنگ جي حوالي سان پيش ڪري ٿو جڏهن ته فلسطينين ۽ ڪيترن ملڪن شهري موتين، تباهيءَ ۽ انساني بحران تي سخت اعتراض ڪيا آهن. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل به غزه ۾ ويڙهه روڪڻ، انساني امداد پهچائڻ ۽ ٻه رياستي حل ڪيڏڻ جي اپيل ڪئي. مختلف سيشنن دوران ڪڏهن ڪڏهن آئون مقرر کي ٻڌڻ بجاءِ خاموشيءَ سان هال کي ڏسندو رهيس. ڇو ته منهنجي آڏو دنيا ويٺل هئي. وڏيون ايٽمي طاقتون به، ننڍين ٻيٽن جهڙيون رياستون به ته وڏيون معيشتون ۽ اهي غريب ملڪ به جن لاءِ موسمياتي تبديلي ڪنهن ڪانفرنس جي اصطلاح ناهي رهي.

جهيڙن جي ناسور خلاف ڪارروائي ڇو نٿي ٿئي؟


ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ

خبر نٿي پوي ته آخر سنڌ ڌرتيءَ کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي آهي يا ڇا آهي جو ورهي گذري ويا آهن پر انهن ساڙولن جو ساڙ اڃان ختم نه ٿي سگهيو آهي. يا خبر ناهي ته ڪٿي اسان جي حڪمرانن جي لاپرواهي ته ناهي جو سبب اڄ اهي حالتون گهٽجڻ بجاءِ روز بروز نوان نوان رنگ نرالا ڪري سنڌن هن ديس ڏٺين جي ڪا اهڙي قسمت لکجي چڪي آهي. جهيڙو يا مزاحمت ڪرڻ جو حق سڀ ڪنهن کي حاصل آهي پر اهي ڪهڙا جهيڙا ۽ نفرتون پکڙجي چڪيون آهن؟ جو ڪو اهڙو ڏينهن ڪونهي، جتي پاڻ انهن نوجوانن جا رت سان رڱيل لاش نه ڪڻندا هجون. ماضيءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ واقعا ٿيندا هئا. جهيڙو، يعني هڪ ٻئي مٿان حملا ڪرڻ، وڙهڻ ۽ مارڪٽ ڪرڻ ته ڪٿي ٻڌو يا ڏٺو به ڪونه هو. رشتن جي احترام سان گڏوگڏ وڏن ۽ ننڍن کان وٺي ڪنهن آفيسر يا ڪاموري طبقي واري ماڻهو جو احترام ڪيو ويندو هو. والدين کان وٺي هر رشتيدار جو تقدس، احترام، خوف واري زندگي گذاري ويندي هئي. اڄ حالت وڃي اها رهي آهي جو ڪٿي پٽ پنهنجي ماءُ جو ويري بڻيل آهي ته وري پيءُ پنهنجي جگري پُٽ جو قاتل بڻيو ويٺو آهي. جتي به جنهن کان پڇجي ٿو ته هر طرف رڳو لالچ جا ديرا ڄمي ويا آهن. اڄ خون جا رشتا هڪ ٻئي جا قاتل ۽ ويري بڻجڻ کانپوءِ خبر ناهي ته امن جي هن سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙن جي ڪا قسمت اهڙي يا وري ڪنهن پلان تحت تباهيءَ طرف ڌڪيو ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ مسلسل حالتون انتهائي ڏکوئيندڙ موڙ طرف وڌي رهيون آهن. شڪارپور جي علائقي خانپور جي ڪچي ۾ هڪ واقعو ميڊيا ذريعي ڏيکاريو ويو، جتي مهر- جتوئي تڪرار جي لپيٽ ۾ ايندڙ هڪ فوتي نوجوان کي ڪٽ تي سمهاري سندس مٿان فائر ڪيا ويا آهن؟ اهڙو واقعو ڏسي توڙي ٻڌي يقيناً جيءُ ئي جُهري پيو آهي پر خبر پئي آهي ته شايد اڄ انسانيت جو ته ليڪو به لتاڙجي چڪو آهي. هڪ انسان ذات جيڪو اڳ ئي انهن شڪارين جو شڪار ٿي پنهنجي انجام تي پهتل هو مٿان وري اهڙيون حرڪتون ڪرڻ کي ڪهڙي قسم جي ڏاڍ مڙسي چئجي يا بزدلاڻي حرڪت؟ گذريل ڏينهن جي آيل خبرن موجب ته سجاول ضلعي ۾ نه رڳو هڪ بدنصيب پٽ ملڪيت جي لالچ ۾ پنهنجي پيرسن پيءُ مٿان حملو ڪري ڪيس موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو پر افسوسناڪ صورتحال سامهون آهي جو 24 ڪلاڪن اندر سنڌ جي مختلف شهرن مان 15 انساني جانيون موت جي منهن چڙهيون آهن. اهڙي ريت انهيءَ انائن خاطر ٿيندڙ جهيڙن پليان ڪي 20 ماڻهو زخمي به ٿيا آهن.

آيل مجموعي خبرن موجب ته گهوٽڪي ضلعي جي ميرپورماٿيلو ٻاگو ٻهو واري علائقي ۾ مڙٿاس برادري وچ ۾ سڱاوتي تڪرار تان معمولي جهيڙي ۽ گارگند ڪرڻ ڪانپوءِ هڪٻئي مٿان هٿيارن جا منهن کوليا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ موقعي تي ئي 3 ماڻهو قتل ۽ 10 کان وڌيڪ ماڻهو (جنهن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن) گوليون لڳڻ سبب زخمي پيا، جڏهن ته واقعي ۾ هڪ استاد به قتل ٿيو آهي. پاڻ هڪٻئي سان رشتا ته جوڙيون ٿا پر ايندڙ وقت لاءِ ڪڏهن به اهو ڪونه سوچيو هوندو ته رشتا جوڙيندڙ ته رت جا رشتيدار هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا پر اها خبر ناهي ته ايندڙ نسل انهن رشتن جي محبت ۽ وفاداريءَ کي به نڀائيندو يا اجوڪيون حالتون پيدا ٿينديون؟ جيئن اڄ نه رڳو پاڻ ميرپورماٿيلو جو واقعو ڏسون پيا پر روزانو اهڙي قسم جا واقعا معمول تي پهتل آهن. هن معاشري جا بزرگ وڏڙا ته ننڍي نسل کي ڳنڍڻ لاءِ شايد اهڙيون خواهشون رکي رشتا جوڙين ٿا پر اڄ جو جيڪو نئون نسل آهي، انهن وٽ نه ڪنهن رشتي جو ادب ۽ احترام ۽ نه وري اها اک ئي رهي اٿن. ان کان علاوه لاڙڪاڻي پرسان نئون ديرو ۾ کوکر برادريءَ جو هڪ ٻئي سان زميني تڪرار هلندڙ هو ۽ اهڙي تڪرار ڪانپوءِ هڪ ڌر عدالت ۾ پهتل هئي. ڪجهه ڏينهن اڳ وچ لاڙڪاڻي شهر ۾ ان وقت هٿيارن جا منهن کوليا ويا، جڏهن هڪ ڌر جا ماڻهو عدالتي پيشيءَ ڪانپوءِ واپس وڃي رهيا هئا ته اڳواٽ ويٺو ڪنڌر ٻي ڌر پاران سرعام هڪ ئي هنڌ ڇئن نوجوانن کي گولين جو ڪاچ بڻايو ويو. ٻڌايو پيو وڃي ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ پراڻو زميني تڪرار هلندڙ هو هاڻ انهيءَ تڪرار پنيان چار انساني جانيون جنهن ۾ ٻه سڳا ڀائر به ٻڌايا پيا وڃن، سي پنهنجون قيمتي جانيون به ضايع ڪرائي ويٺا پر جنهن زمين ۽ ملڪيت پٺيان هيڏو وڏو سانحو ٿيو سا زمين ته پنهنجي جاءِ تي پيل آهي پر جاني نقصان جو ازالو ٿيڻ ممڪن ناهي؟ جتي ٻه سڳا ڀائر هڪ ئي گهر مان لاشن جي صورت ۾ نڪتا آهن، انهيءَ ماءُ کان ڪنهن پڇيو آهي ته هن پنهنجي گهرو پٽن جا لاش ڏسي ڪيئن برداشت ڪيو هوندو؟ انهن فوتين جي گهروارين سان ڇا وهندو ۽ واپرجندو هوندو. جن جا سهارا پر انهيءَ اولاد جي وارثي ڪندڙ جڏهن هميشه لاءِ موڪلائي ويا هجن. اڄ هن قاتل ۽ ڪُڌي سماج ۾ اهي معصوم پنهنجن پيئرن کان سواءِ ڪيئن پنهنجي زندگي بصر ڪندا؟ اڄ ته پٽ ۽ پيءُ به هڪ ٻئي جا قاتل ٿي ويا آهن پوءِ ڪير انهن يتيمن جي سار سنڀار لهندو؟ اسان سمجهون ٿا ته هلندڙ دور دجالي دور آهي، جتي سڄو رپين پويان ماڻهو هڪٻئي جا ويري بڻيل آهن.

شڪارپور جي رستم واري علائقي ۾ هڪ حيرت ڪندڙ واقعو پيش آيو آهي جو موٽر سائيڪل جي رقم تان نوجوان جذباتي ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ٻئي مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، نتيجي ۾ به ڄڻا موقعي تي قتل ۽ ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. اتر سنڌ جي مڙني ضلعن گهوٽڪي، شڪارپور، سکر يا ڪشمور ۾ اهڙا واقعا روزانو جي بنياد تي چوٽ چڙهي رهيا آهن جو انتظاميہ جي لاپرواهي پنهنجي جاءِ تي ضرور آهي پر اهڙي واقعن پنيان جتي زميني تڪرار، شڪ، چوري يا ڏيتي ليتيءَ جي سامان تان هن وقت تائين هزارين ڪُونڌر ڪسجي چڪا آهن. پاڻ مجموعي صورتحال ڪانپوءِ نه رڳو پوليس ۽ لاڳاپيل ضلعن جي انتظاميہ جي ڪوتاهيءَ کي ذميوار قرار ڏيون ٿا پر اهڙن واقعن پويان برادرين جا ڇڳا مڙس جهيڙا وڌائڻ ۾ پاڳي پائيوار يا حصيدار بڻيل آهن. مون مختلف وقتن تي اها ڳالهه واضح ڪئي آهي ته اتر سنڌ ۾ جيڪا قبيلائي تڪرارن جي بدبودار وبا ڦهليل آهي، انهيءَ ۾ مقامي ڇڳن مڙسن ۽ سردارن جو ئي هٿ شامل آهي. اگر اهي ڇڳا مڙس اهڙن جهيڙن جي خاتمي لاءِ هاڪاري ڪردار ادا ڪن ته يقيناً حالتون هرگز اهڙيون ڪونه ٿينديون. هن وقت سڄي سنڌ اهڙي ناسور، يعني قبيلائي جهيڙن جي ور چڙهي چڪي آهي. لاڳاپيل ڌرين کان رپورٽ طلب ڪرڻ بدران سنڌ حڪومت ۽ گهرو کاتو اهڙي ناسور خلاف تڪراري ڌرين جي مقامي ڇڳن مڙسن خلاف ڪارروائي ڪري، پوءِ ڏسو ته اهي جهيڙا ڪيئن ختم ٿا ٿين؟

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَڳُ ڪري سين سِينهَن، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏَهِين؛
رَمِج راڻي ڀُٽِ ۾، نِرتُون مَنجهان نِينهَن؛
اِنءَ مَ وَسِج عامَ تي، جِئَن مُومَلَ! وَسَن مِينهَن؛
سَندي حَشَرَ ڏِينهَن، سودو سارِينديءَ گهڻو.

اي مومل! (اي طالب!) شير مڙس (راڻي يعني ڪامل مرشد) سان ناتو ڳنڍي، وري ڪڏهن به ڪانئس منهن نه موڙج. تون راڻي جي پنيان (ڪامل مرشد جي رهبريءَ هيٺ،) شوق ۽ محبت سان هلج، اي مومل! تون عام ماڻهن تي پنهنجي سونهن جي ائين وسڪار نه ڪج، جئن مينهن وسڪار لائيندا آهن. (اي طالب! تون عام کان ڪنارو ڪج). تون قيامت جي ڏينهن سودي کي گهڻو ياد ڪندين.

اڄوڪو ڏينهن —— 28 سيپٽمبر

پير زين العابدين شاهه زينل

اڄ مشهور شاعر ۽ الله لوڪ انسان پير زين العابدين شاهه زينل جي جنم جو ڏينهن آهي. مخدوم طالب المولي پنهنجي ڪتاب "ياد رفتگان" ۾ هن بزرگ جي ولادت جي تاريخ 28 سيپٽمبر 1913ع لکي آهي. سندس ولادت ٺٽي محمد خان ضلعي جي مشهور ڳوٺ نورائي شريف ۾ سيد حاجي شاهه جي گهر ۾ ٿي. هن بزرگ سڄا سارا ٻارهن سال گنجي ٽڪر جي غارن ۾ عبادت ڪندي گذاريا. هو تنها پسند شخصيت جو مالڪ هو ۽ ڪيترائي سال مڪمل خاموشي اختيار ڪيائين ۽ ڪنهن سان به نه ڳالهائيندو هو اها ڪيفيت ڏسي سندس والد گهڻو پريشان ٿيو ۽ ڪيس اوتي شهر جي بزرگن وٽ وٺي ويو جن جي دعا سان هن ڳالهائڻ شروع ڪيو هن عمر جو باقي حصو پاڻ سڳورن ﷺ جي محبت ۾ گذاريو سندس آستاني تي ميلاد جون محفلون جاري رهنديون هيون. هن بغداد جو سفر ڪري حضرت عبدالقادر جيلاني پيران پير جي روضي جي زيارت ڪئي، حج جي سعادت به حاصل ڪيائين. هو هڪ بلند پائي جو شاعر هو. هن سنڌي، سرائيڪي، بلوچي، اردو، انگريزي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪلام چيو آهي. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "زينل" هو سندس شاعريءَ جو مجموعو "عشق بنا اسرار نه ڪوئي" ڇپجي چڪو آهي. هن بزرگ 16 جنوري 1976ع تي دم ڏنو ۽ حوالي ڪيو.

لتا منگيشڪر

اڄ ننڍي کنڊ جي مهان گلوڪاره لتا منگيشڪر جي جنم جو ڏينهن آهي. هن اڄوڪي ڏينهن تي 1929ع ۾ هندستان جي شهر اندور ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس پيءُ دينا ناٿ منگيشڪر مقامي ٿيٽر جو اداڪار ۽ راڳيندڙ هو جمڻ مهل مائٽن سندس نالو هيما رکيو پر اڳتي هلي لتا جي نالي سان مشهوري ماڻيائين هن موسيقيءَ جا ابتدائي گر پنهنجي پيءُ کان سکيا. هن ٻارهن تيرهن ورهين جي ڄمار ۾ مرهٽي فلمن ۾ هڪ اداڪاره ۽ ڪلاڪاره طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هن 1943ع ۾ هڪ مرهٽي فلم ۾ پهريون ڀيرو هندي گانو ڳايو 1945ع ۾ اندور ڇڏي ممبئيءَ جا وڃي وسايائين. 1949ع ۾ فلم محل لاءِ ڳايل گاني "آئيگا آئي والا" ڪيس ننڍي کنڊ جي کنڊ ڪُڙڇ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو 1950ع کان 2020ع تائين هوءَ ننڍي کنڊ جي راڳ نگر جي راڻيءَ طور راڄ ڪندي رهي. هن هزارين فلمي گانن کي پنهنجي پرسوز آواز ۽ موسيقيءَ جو روپ ڏئي هميشه لاءِ امر بڻائي ڇڏيو سندس فن جي مڃتا طور ڪيس ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو، جن ۾ ڀارت رتنا ايوارڊ (2001ع)، پدما ڀوشن ايوارڊ (1969ع)، زي سائن لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ (1999) ۽ ٻيا انيڪ ايوارڊ شامل آهن. لتا منگيشڪر 6 فيبروري 2022ع تي هن دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو.

سندري اتمچنداڻي

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي مهان ليکڪا سندري اتمچنداڻيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي. هوءَ بهترين ڪهاڻيڪاره، ناول نگاره، مضمون نويس، ناٽڪ نويس ۽ سنڌيڪاره هئي. هن 28 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد سنڌ جي ٽنڊن هوائن ۾ پنهنجي جيون جي سفر جي شروعات ڪئي. هن ٻه سؤ کان وڌيڪ ڪهاڻيون، 2 ناول، 12 ناٽڪ، 500 کان وڌيڪ مضمون ۽ 200 کن نظم لکيا. هن امرتا پريتم، ميڪسم گورڪي ۽ ڪرشن چندر سميت دنيا جي وڏن اديبن ۽ اديبائن جون لکڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب جي خزاني کي مالامال ڪيو هن کي ڪيترن ئي انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو، جن ۾ سوويت لينڊ نهرو پيس ايوارڊ ۽ ساهتيہ اڪيڊمي ايوارڊ شامل آهن. سندس مشهور ڪتابن ۾ "ڪِرندڙ ديوارون" (ناول)، "پريت پراڻي ريت نرالي" (ناول)، "بندهن" (ڪهاڻيون)، "پوري" (ڪهاڻيون)، "وچوڙو" (ڪهاڻيون)، "هڳاءُ" (شاعري)، "سنڌو" (ڊراما) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن جي ڪهاڻين تي مبني ڪيترين ئي ٽيلي فلمون پڻ ٺهي چڪيون آهن. هن 8 جولاءِ 2013ع تي ممبئيءَ ۾ هن جهان مان موڪلايو.

اعجاز علي بيگ مرزا

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه اعجاز علي بيگ مرزا جي جنم جو ڏينهن آهي. هو مرزا قليچ بيگ جو پوٽو آهي. سندس جنم 28 سيپٽمبر 1944ع تي ٽنڊي نوڙهي حيدرآباد ۾ ٿيو هن بي ايڊ، ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل ايل بي جي سند سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي. هن عملي زندگيءَ جي شروعات هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪئي. مختلف اسڪولن جو هيڊماستر ۽ پرنسپال پڻ رهيو. 1996ع ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو سيڪريٽري ۽ 1997ع ۾ ساڳئي بورڊ جو چيئرمين مقرر ٿيو 1999ع ۾ پرائمري ايجوڪيشن حيدرآباد جي ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. ڪجهه عرصي تائين سنڌ ٽيسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين جي اضافي چارج به وٽس رهي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "گلدستہ قليچ" (تاليف)، "Crititical Appreciation of "، "Education Policy" ۽ "Critical Evaluation of" "Primary Schools of Hyderabad City" شامل آهن.

محمد علي پٺي


مختيار انڙ

اڄ مشهور چترڪار پروفيسر محمد علي پٺيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 28 سيپٽمبر 1951ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو پرائمري اسڪول کان ٻارهين ڪلاس تائين حيدرآباد ۾ ئي پڙهيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان فائن آرٽس ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ مان فائن آرٽس ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. اڳتي هلي آمريڪا جي ايڊنبرا يونيورسٽيءَ مان ماسٽر آف فائن آرٽس ۽ اوهيو يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. پاڻ لڳ ڀڳ ڏهه سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽس شعبي جو چيئرمين رهيو. اڳتي هلي جڏهن انهيءَ شعبي کي انسٽيٽيوٽ آف فائن آرٽس بڻايو ويو ته پروفيسر محمد علي پٺي انهيءَ انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو. هن 2003ع کان 2006ع تائين ملائيشيا جي سينس يونيورسٽيءَ جي آرٽ اسڪول ۾ پروفيسر طور ڪم ڪيو. هن جي فن پارن جي نمائش پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٿي چڪي آهي. هن ڪيترن ئي نالوارن شخصيتن جا پورٽريٽ ٺاهيا، جن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مهاتير محمد، ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو، پير صاحب پاڳارو ۽ ٻين شخصيتن جا پورٽريٽ شامل آهن. رٽائر ٿيڻ بعد آمريڪي رياست ٽيڪساس جي شهر هوسٽن ۾ رهائش اختيار ڪيائين.

ڊاڪٽر انور پرديسي

اڄ مشهور اديب ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر انور پرديسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو اڄوڪي ڏينهن تي 1973ع ۾ خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ پنواڙيءَ ۾ ممتاز حسين ڪنڀرڙ جي گهر ۾ ڄائو هن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ميرس مان بي اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون. هن 1997ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هڪ شاعر ۽ مقالا نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "دل جي آڳر تي" (شاعري) ۽ "پيار جا سلسلا- عنايت بلوچ فن ۽ شخصيت" شامل آهن.

شيخ مراد علي ڪاظم

مراد علي ڪاظم روهڙيءَ جو مشهور غزل گو شاعر هو هو 10 مئي 1901ع تي ڄائو شروعاتي تعليم روهڙيءَ مان حاصل ڪيائين. ان بعد خيرپور ۾ پڙهيو ميٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. هن ڪيتريون ئي نوڪريون ڪيون پر ڪنهن به نوڪريءَ ۾ سندس دل نه لڳي ۽ ڪئين ڀيرا استعيفا ڏئي آزاد زندگي گذاريائين. هن هندستان جي مختلف شهرن جو سير پڻ ڪيو هن ٻارهن سالن جي ننڍي ڄمار ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. ڪيس سنڌيءَ سان گڏ فارسي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو ان ڪري سنڌي ۽ فارسي ٻولين ۾ شاعري ڪيائين. هو بزم مشاعره لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد سان لاڳاپيل رهيو 1923ع ۾ هن پنهنجي غزلن جو ديوان تيار ڪيو پر سندس ڪنهن دوست اهو وڃائي ڇڏيو انهيءَ صدمي سبب هن 1923ع کان 1933ع تائين شعر لکڻ بند ڪري ڇڏيو اياز قادريءَ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ هن جي وفات جي تاريخ 28 سيپٽمبر 1954ع ڄاڻائي آهي. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ به پنهنجي ڪالمن ۾ اهائي تاريخ لکي آهي. البت سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ سندس وفات آڪٽوبر 1954ع ۾ لکي وئي آهي.

پروفيسر هاسارام جادوگر

پروفيسر هاسانند پنهنجي دور جو مشهور جادوگر، شاعر، فريبم فائيٽر ۽ سماج سڌارڪ هو هو سنڌ جي شهر ڪنڊياري ۾ 1894ع ڌاري ڄائو هو ۽ ديوان چاندومل پنياڻيءَ جو پٽ هو هو جادوءَ جو ماهر هو ۽ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي جادوءَ جا ڪرتب ڏيکاريندو هو پاڻ هڪ سٺو شاعر پڻ هو خاص طور تي مزاحيہ شاعريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو سندس شاعريءَ ۾ معاشري جي اوڻاين ۽ خامين جي به اپٽار ٿيل آهي. جادوءَ جا ڪرتب ڏيکارڻ مهل پنهنجي مزاحيہ شاعريءَ سان ماڻهن جي منهن تي مرڪون پکيڙيندو هو هن انگريز سرڪار خلاف "هندستان ڇڏيو" تحريڪ ۾ به ڀرپور ڀهرو ورتو ۽ انهيءَ تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب ڪيس جيل ۾ به وڃڻو پيو جيل ۾ به پنهنجي مزاحيہ شاعريءَ ۽ جادوءَ جي ڪرتبن سان قيدين جي دل وندرائيندو هو ڏاج جي رسم جي سخت خلاف هو ۽ انهيءَ لاءِ باقاعده تحريڪ هلايائين. پنهنجي ٻن نياڻين جي شادي به بنا ڏاج جي ڪرايائين. ورهاڱي کان پوءِ ڀهرائين اجمير ۽ پوءِ گانڌيڌام ۾ رهائش اختيار ڪيائين. تاريخ 28 سيپٽمبر 1966ع تي دهليءَ ۾ سندس لاڏاڻو ٿيو

علامه پير محمد هاشم جان سرهندي

سنڌ جي هن جيد عالم ۽ روحاني پيشوا جي ولادت 14 ذوالقعد 1322ھ مطابق 1904ع ۾ هاٿوڪي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ ٽنڊي سائينداد جي سرهندي خاندان ۾ ٿي. هن 13 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي والد خواجه محمد حسن جان سرهنديءَ جي نگرانيءَ ۾ ديني تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. ان بعد اجمير شريف جي مشهور مدرسي دارالعلوم معينيہ عثمانيہ مان درس نظاميءَ جي تحصيل ۽ سند حاصل ڪئي. هن ديني تعليم سان گڏ طب جي سند پڻ حاصل ڪئي. هن پنهنجي سموري حياتي دين جي تبليغ، عبادت ۽ پرهيزگاريءَ سان گذاري. تحريڪِ آزاديءَ ۾ پڻ سندس ڪردار مثالي رهيو هن 28 سيپٽمبر 1975ع تي ڪوئيٽا ۾ دم ڏنو ۽ حوالي ڪيو

روزاني عبرت

بقايا 1 "روزاني عبرت"

عورت مسمات زيبل ڏال پيروز علي جنجهه جو خانپور جوڻيجو بي پي ايڇ اَ صحت مرڪز ۾ ويم دوران ٻار جي پيدائش ڪانپوءِ ان جي اوچتو طبيعت خراب ٿي پئي جنهن ڪانپوءِ وارثن عورت کي بيهوشي واري حالت ۾ سيوهڻ اسپتال کڻي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ ئي فوت ٿي وئي جنهن ڪانپوءِ وارثن فوتي عورت جو لاش خانپور جوڻيجو اسپتال جي مين گيٽ اڳيان رکي احتجاج مظاهرو ڪيو ۽ ڊاڪٽرياڻي کي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي فوتي عورت جي مڙس پيروز جنجهه ٻڌايو ته منهجي ڏال حمل سان هئي جنهن کي صبح جي وقت 8 بجي ويم لاءِ صحت منڊ حالت ۾ کڻي آيو هيس جتي ڊاڪٽرياڻي انم زنگيجو پاران منهجي ڏال کي انجيڪشن هڻي ڏال جي ويم ٿيڻ کان پوءِ ان جي طبيعت خراب ٿي وئي ۽ بيهوشي ٿي وئي حالت خراب ٿيڻ بعد ڊاڪٽرياڻي وڏيڪ علاج ڪرڻ کان کتو جواب ڏئي موڪائي ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ مان مسڪين پورهيت عورت کي ڳلتي جوڳي حالت ۾ دادو کان بعد ۾ سيوهڻ علاج لاءِ کڻي وڃي رهيا هئاسين ته رستي ۾ منهجي ڏال فوت ٿي وئي هن واقعي ڪانپوءِ ڊاڪٽرياڻي فرار ٿي وئي فوتي عورت 11 ٻارڻ جي ماءُ هئي، ڊاڪٽرياڻي جي لاپرواهي ۽ نااهلي سبب ڏال فوت ٿي آهي اسان انصاف لاءِ عدالت جو در کڙڪائيندا سين هتن وڌيڪ چيو ته مهيني اندر 3 عورتون اڳ ۾ به فوت ٿي چڪيون آهن خانپور جوڻيجو اسپتال ڪوس گهر بڻجي ويو آهي هن چيو ته عملي خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ ڪير به تيار ناهي متاثر وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊاڪٽرياڻي خلاف ڪاروائي ڪري ان کي

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

PAA

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

پروڪيورمينٽ نوٽيس | غير مشاورتي خدمتن جي خريداري

1. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA) مالي سال 27-2026 جي منصوبابندي ڪيل خريداريءَ جي مقصد لاءِ فنڊز مختص ڪري رهي آهي. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA) ڄاڻايل فنڊز مان حاصل ٿيندڙ رقم جو هڪ حصو ذيلي معاهدي جي تحت قابل ادائيگي خرچن جي پورائيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي: "ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽس جي تشهير (ڪاروباري امڪانن متعلق) وڊيوز جي تياري، بشمول جامع تشهيري وڊيو، پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽيءَ جو اداره جاتي وڊيو، سوشل ميڊيا جي لاءِ مختصر وڊيوز ۽ اعليٰ ريزوليوشن ڪيپشن شده تصويرون" جنهن جو حوالو نمبر P119158 آهي.
2. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA) EPADS v2.0 تي رجسٽرڊ اهل واڪ ڏيندڙن کان EPADS v2.0 جي ذريعي غير مشاورتي خدمتن جي فراهميءَ جي لاءِ آڇون گهرائي ٿي.
3. ڄاڻايل خريداريءَ جي لاءِ پرنسپل طريقيڪار خريداري، يعني اوپن مسابقتي آڇ جي تحت هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار اختيار ڪيو ويندو ۽ ڪوالٽي اينڊ ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (QCBS) ٽيڪنڪ استعمال ڪئي ويندي. اهو عمل پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 ۽ وقت بوقت اٿارٽي طرفان جاري ڪيل ضابطن ۽ هدايتن جي مطابق هوندو.
4. سڀني آڇن سان گڏوگڏ آڇ جي ضمانت لازمي طور هجڻ گهرجي، جيڪا واڪ دستاويزن جي بڊ سيڪيورٽي سيڪشن ۾ بيان ڪيل شرطن جي مطابق پي آرڊر، بينڪرز چيڪ، بينڪ گارنٽي يا مقرر فارميٽ ۾ بڊسيڪيورنگ ڊڪليئريشن ۾ مان ڪنهن هڪ صورت ۾ جمع ڪرائي وڃي.
5. تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحت، تقاضا وغيره تي ٻڌل اي-آچ دستاويزات، اي-پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) تي دستياب آهن: https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/119158
6. اِي-آچ دستاويزات ۾ ڏنل هدايتن جي مطابق تيار ڪيل اِي-آچن EPADS v2.0 جي ذريعي سومر، 26 آڪٽوبر 2026، صبح 11:00 وڳي يا ان کان پهريان جمع ڪرائڻيون پونديون. اِي-آچون ان ئي ڏينهن سومر، 26 آڪٽوبر 2026، صبح 11:30 وڳي کوليون وينديون. دستي طور تي آچون جمع ڪرائڻ جي اجازت نه هوندي. اهي وينڊرز جيڪي اڃان تائين EPADS جي نئين ورزن تي رجسٽرڊ ناهن ٿيا، اهي هيٺ ڏنل لنڪ https://vendors.epads.gov.pk ذريعي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار جي وضاحت جي لاءِ ٽوٽوريل به دستياب آهي: https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc
7. پري بڊ ميٽنگ 13 آڪٽوبر 2026 تي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس منعقد ٿيندي.
8. پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 ع جي قاعدي 48 تحت ڄاڻايل خريداريءَ لاءِ شڪايتن جي ازالي واري ڪميٽي (GRC) جوڙي وئي آهي. ڪميٽيءَ جي اطلاع جي ڪاپي لاڳاپيل پروڪيورمينٽ ايجنسيءَ جي ويب سائيٽ EPADS v2.0 ۽ اٿارٽيءَ جي ويب سائيٽ (www.ppra.org.pk) تي پڻ موجود آهي.

ايڊيشنل ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنز،
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA)، هيڊڪوارٽرز، پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي
ٽرمينل 1 بلڊنگ، جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ (JIAP)، ڪراچي، پاڪستان. فون: 1705-9907-21-92+
اي ميل: Adld.pr@paa.gov.pk ahmer.azeem@paa.gov.pk

PID K-1045/26

www.paa.gov.pk

ڪڪڙ پرسان خانپور جوڻيجو صحت مرڪز ۾ ويم دوران عورت فوت، لاش رکي ڌرڻو

ٻار جي پيدائش ڪانپوءِ عورت جي طبيعت خراب ٿيڻ سبب سيوهڻ منتقل ڪرڻ دوران رستي ۾ فوت

فوتي عورت جي وارثن جو اسپتال جي مک دروازي اڳيان لاش رکي احتجاج، ڊاڪٽرياڻي کي هٽائڻ جو مطالبو

خانپور جوڻيجو صحت مرڪز ۾ هڪ مهيني دوران 3 عورتون فوت ٿي چڪيون، جانچ ڪئي وڃي:مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان خانپور جوڻيجو ۾ بي ايچ يو آءِ صحت مرڪز ۾ ويم دوران عورت فوت ، وارثن جو ڊاڪٽرياڻي تي غفلت جو الزام هڻي ڇڏيو تفصيل موجب ڪڪڙ جي ڳوٺ ڪاٺ لشڪر جي رهواسڻ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: فوت ٿيل عورت جو لاش ايمبوليننس ۾ رکيل آهي

مورو پوليس پاران مقابلي بعد ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

مورو (ن ع) نيو ڳچيرو لڳ گشت ڪندڙ مورو پوليس جو ڌوهارين سان اوچتو مقابلو ٿي پيو جنهن بعد ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڏوهڊو فائرنگ ٿي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري زخمي ٿي پيو جنهن کي پوليس زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو زخمي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٺاٺو بولا خان ۾ ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو پڄاڻي تي پهتو

ٺاٺوبولاخان (ن ع)سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪوهستان ايٽ ٺاٺو بولا خان جي اهتمام هيٺ ٽي روزه ڪتابي ميلي جي آخري ڏينهن جي پڄاڻي تي ٺاٺو بولا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: واپاري نريش ڪمار جي قاتلن کي گرفتار ڪري آندو پيو وڃي

ٽنڊوآدم ۾ جوابدار گهر ۾ گهڙي عورت کي خنجر سان زخمي ڪري فرار

طور ڪالوني ۾ ماسڪ پاتل جوابدار سرفراز آرائين جي زال صبا کي زخمي ڪري ويو

زخمي عورت کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، پوليس اين سي داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي طور ڪالوني ماسڪ پاتل نامعلوم جوابدار سرفراز آرائين جي گهر ۾ داخل ٿي سندس زال صبا آرائين تي خنجر سان حملو ڪري زخمي ڪري وڌو ۽ فرار ٿي ويو گهر ڌڻي پاران اهڙي اين سي سٽي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي زخمي عورت کي اسپتال آندو ويو جتي طبي امداد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ صحافي عظيم سيال جي مبينا اغوا خلاف احتجاج

پريس ڪلب آڏو صحافين ۽ شهرين جو مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

عظيم سيال کي مبينا طور اغوا ڪري وارثن کان هڪ ڪروڙ رپيا ڀتو طلب ڪيو ويو: صحافي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ خانپور مهر جي سينئر صحافي عظيم سيال جي مبينا اغوا خلاف پريس ڪلب ڪنڌڪوٽ اڳيان صحافين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي مظاهري ۾ پريس ڪلب جي صدر دليپ ڪمار ڏاڪر جنرل سيڪريٽري علي حسن ملڪ غلام

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ور شهر ۾ ڪاٺ جي واپاري کي هٿياربندن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

سم نالي پرسان نامعلوم هٿياربندن گولين هڻي واپاري شاهد ولد احمد ڪاراڻي چانڊيو قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي هيلٿ سينٽر پهچايو، وڌيڪ جاچ شروع

غلام الله (ن ع) پراسن ضلعو ٺٽي ۾ بدامني وڌڻ لڳي ور شهر ۾ هٿياربندن ڪاٺ جي واپاري کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو مليل اطلاعن موجب نامعلوم هٿياربندن ور شهر جي سم نالي پرسان ڪاٺ جو ڪاروبار ڪندڙ واپاري شاهد ولد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

مورو پرسان عمراڻي ۽ ڪوسا برادري ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا رتورت

نيوجتوئي ٿاڻي جي حد ۾ ڌرين ۾ پلاٽ جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي اعجاز، داود، عبدالحميد، ذاڪر ۽ غفار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

مورو (ن ع) مورو پرسان نيو جتوئي جي ٿاڻي جي حد ملو ڪوسو ۾ عمراڻي برادري ۽ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران عمراڻي ڌر جا 5 ماڻهو زخمي ٿي پيا زخمين ۾ اسعاد عجاز پٺاڻ ايس ڪي پي ضلعي نوشهروفيروز جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد داود عمراڻي، ڊاڪٽر عبدالحميد پنهور ذاڪر علي عمراڻي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مورو: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌو درياءَ جي بچاءَ لاءِ ايس يو پي جي ريلي

مظاهرين مهراڻ چوڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو

سنڌو مان پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون متاثر ۽ ڊيلٽا تباهه ٿيا آهن:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي ضلعي ٽنڊومحمد خان طرفان دريائن جي عالمي ڏينهن تي سنڌو درياءَ جي بچاءَ لاءِ ضلعي اڳواڻ عمران لغاري، امتياز نوناري، حسيب ڪولاچي جي اڳواڻي ۾ مهراڻ چوڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته غيرقانوني طور تي سنڌو درياءَ مان پاڻي چوري ڪئي پئي وڃي هڪ پاسي سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون بنجر بڻجي رهيون آهن ته ٻئي پاسي ڊيلٽا تباهه ٿي رهي آهي پنجاب طرفان سنڌو مان پاڻي چوري جو سلسلو بند ڪري سنڌو مان نوان ڪئنالن اڏڻ ۽ نوان ڊيم ٺاهڻ جا منصوبا فورن ختم ڪيا وڃن جيئن هزارين سالا تهذيب جي امين سنڌو درياءَ جو بچاءُ ممڪن ٿي سگهي،هنن چيو ته سنڌو درياءَ جي حفاظت لاءِ ڪروڙين سنڌي پنهنجي

مورو ۾ مشهور صوفي بزرگ سائين پيارو فقير رح جو 39 هون ساليانو عرس شروع، محفل موسيقي

مورو (ن ع) مورو ۾ سنڌ جي نالي واري صوفي بزرگ اولياءِ سيد غوث علي شاهه المعروف سائين پيارو فقير جو ساليانو 39 هون عرس مبارڪ جي شروعات گاديءنشين

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

صوفي جاويد مصطفي ڪانڊرو جي سربراهي ۾ صوفي فنڪارن سنگ سان مختلف هنڌن کان ٿيندا درگاهه تي پهتا جتي گادي نشين صوفي جاويد مصطفيٰ ڪانڊرو جي قيادت ۾ صوفياڻا ڪلام ڳائي درگاهه تي گلن جون چادرون چاڙهيون

اسلام آباد: ڏهاڙي پورهيت روڊ ڪناري روزي جا منتظر آهن

حيدرآباد ۾ ٻڏي ويل ڳچچاڻي واسي جو لاش هٿ، وارثن پاران قتل جو خدشو ظاهر

نوجوان پرويز ڳچچاڻي جو لاش 18 ڪلاڪن بعد هٿ اچڻ تي وارثن حوالي ڪيو ويو

نوجوان واهه ۾ ڪيرو نه هو کيس تشدد ڪري ماري اڇلايو ويو آهي جاچ ڪئي وڃي: وارث

ڳچچاڻي (ن ع) ڳڏريل ڏينهن ڦليلي واهه ۾ ڪري ٻڏي ويل نوجوان جو لاش هٿ نوجوان کي قتل ڪرڻ جو خدشو ضروري ڪاررو بعد لاش وارثن حوالي ان ڏس ۾ ڳڏريل ڏينهن ڦليلي واهه جي ڳانگهرا موري وٽ واپڊا جي ڪم دوران پير ترڪڻ سبب ڪري ٻڏي ويل ڳچچاڻي واسي پورهيت نوجوان پرويز پٽ امين محمد ڳچچاڻي جو لاش 18 ڪلاڪن ڪان پوءِ حيدرآباد جي ٻهڻ موري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڙو لڳ ڳوٺاڻن جو ٻاڻرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ديهه 12 واسين ارباب علي، استاد شير محمد خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻاڻرن زمينن تي قبضي لاءِ هٿياربند ويهاري ڇڏيا آهن نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ڪنڌڙو(ن ع)ڪنڌڙو لڳ ديهه 12 جمڙائو جي ڳوٺاڻن خاصخيلي برادري جي وڏي انگ ۾ ماڻهن پاران زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويوانصاف جو مطالبو خبر موجب ديهه 12 جمڙائو خاصخيلي برادري جي ماڻهن ارباب علي خاصخيلي ۽ استاد شير محمد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مورو پوليس پاران اغوا ٿيل ٽينگر کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

خفيه اطلاع تي ڇاپو هڻي جوابدار سيد ابوذر بخاري کي گرفتار ڪيو: پوليس

ڇاپي دوران ٽينگر حسنين علي سولنگي بازياب ڪرائي وارثن حوالي ڪيو

مورو (ن ع) مورو شهر جي ابراهيم ميمڻ ڪالوني مان اغوا ٿيل ٽينگر حسنين علي ولد وسيم علي سولنگي جي بازيابي لاءِ ميڊم فائزه علي سوڍر ۽ ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر پاران ڪارروائي ڪئي وئي جنهن دوران پوليس ٽينگر کي بازياب ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ هڪ جوابدار سيد ابوذر بخاري کي گرفتار ڪيو ويو واقعي جو ڪيس ٽينگر جي چاچي علي خان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

مورو: اغوا بعد بازياب ڪرايل ٽينگر ۽ گرفتار جوابدار

خيرپور يونين آف جرنلسٽس پاران صحافي عظيم سيال جي اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

قلم ڌڻين خان محمد خان، عبدالمجيد پنهور، صفي الله شر، عامر عباسي، جميل جويو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

گهوٽڪي جي صحافي عظيم سيال جي اغوا واقعي سبب سنڌ جي قلم ڌڻين ۾ سخت ڳڻتي پکڙيل آهي: مظاهرين

عظيم سيال کي بازياب ڪرائي ضمير حسين پٽي جي گهر تي حملي جي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

خيرپور(عبدالمجيدپنهور) خيرپور: گهوٽڪي جي صحافي محمد عظيم سيال جي اغوا ۽ خيرپور جي صحافي ضمير پٽي جي گهر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪنب پوليس راڳي سهراب فقير جي گهران چوري ٿيل سامان هٿ ڪري ورتو

ڪجهي اطلاع تي ڪارروائي ۾ سامان هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو: پوليس

گمبٽ (ت.ر)ڪنب پوليس جي اهم ڪاميابي، متاثر خاندان جي گهرن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي 20 ڏينهن اڳ ڪاليروڙا مان سنڌ جي ناليواري صوفي راڳي سهراب فقير جي پٽن سلامت سهراب فقير رجب فقير ۽ واپڊا ملازم گلشن سهاڳ جي گهرن مان ٿيل لکين روپين جي ماليت جي چوري واري واقعي تي ڪنب پوليس پاران ڪارروائي ڪندي چوري ٿيل

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ شهنشاهه ڪانفرنس ۾ بغداد مان آيل شيخ يحيي شمس الدين جي شرڪت

تقريب جي صدارت بغداد مان آيل گادي نشين شيخ عبدالقادر جمال الدين ڪئي

ڪانفرنس جو مقصد حضرت غوث رح جي ديني، علمي ۽ روحاني خدمتن کي اجاگر ڪرڻ ڪرڻ آهي: مقرر

مورو (ن ع) مورو ۾ شهنشاهه بغداد ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي مورو ۾ شهنشاهه بغداد ڪانفرنس جي حوالي سان مذهبي ۽ روحاني تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف مذهبي عالمن مشائخ عظام ۽ معزز شخصيتن جي شرڪت ڪئي ڪانفرنس جي صدارت بغداد مان آيل مهمان خاص پيران پير غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني المعروف دم دستگير جي گادي نشين شيخ عبدالقادر جمال الدين پاران ڪئي وئي ۽ بغداد مان آيل مهمان خاص شيخ يحيي شمس الدين هيا ڪانفرنس جو مقصد حضرت غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رح جي ديني، علمي ۽ روحاني خدمتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سندن تعليمات کي عام ڪرڻ آهي، ڪانفرنس ۾ نعت خواني خطاب

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڏوڪري ۾ صوبائي محتسب جي ريجنل ڊائريڪٽر پاران 29 سيپٽمبر تي کلي ڪچهري ٿيندي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ لاڙڪاڻي جي ريجنل ڊائريڪٽر زاهد حسين ٻرڙو پاران پڌرو ڪيو ويو آهي ته عام عوام جي مسئلن جي حل لاءِ هڪ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڏڙو-ڀيلو روڊ تي هٿياربندن جي فائرنگ، 15 ورهين جي نينگري قتل، لاش رکي ڌرڻو

ڏڙي اينڊڙ هائي روڊ ڪيري تي 5 هٿياربند فائرنگ ڪري ڏني، گولين لڳڻ سبب مرڪ ميمڻ موقعي تي مارجي وئي

پ پ اڳواڻ ارباب وزير ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن جو لاش رکي ڌرڻو، 5 ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ

هٿياربندن فائرنگ ڪري معصوم نينگري کي قتل ڪري وڏو ظلم ڪيو آهي، جوابدارن جي گرفتاري تائين احتجاج جاري رکيو ويندو:مظاهرين

ڊي ايس پي سجاول مظاهرين وٽ پهچي جوابدارن جي گرفتاري جو خاطري ڪرائڻ بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

سجاول /ڏڙو (نمائندن وڪان) ڏڙو ڀيلو روڊ تي هٿياربندن جي فائرنگ، 15 ورهين جي نينگري مُرڪ ميمڻ قتل، پ پ اڳواڻ ارباب وزير ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن جو لاش رکي ڌرڻو 5 ڪلاڪن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: سنڌو درياهه کي گلن جي پيتا ڏني پئي وڃي

ٽنڊوآدم لڳ ٽرڪ ۽ ڪار ۾ زوردار ٽڪر سبب هڪ ڄڻو زخمي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم پٽ شاهه روڊ تي پارس هائوس لڳ تيز رفتار ٽرڪ ۽ ڪار ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار جمن شاهه پاڙي جو رهواسي سيد آفتاب شاهه سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آڻڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد اسپتال نيو ويو.

سڪرنڊ: فوت ٿيل ويل نينگري جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ايس يو پي ضلعي نوابشاهه جو اجلاس، امداد محمود شاهه ورسي بابت صلاح مشورا

سيد زين شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڊاڪٽر زين پنهور فلڪ شير ۽ ٻين شرڪت ڪئي

29سيپٽمبر تي سڪرنڊ ۾ سيد امداد محمود شاهه جي ورسي تي وحدت سنڌ جلسو ڪيو ويندو: زين شاهه

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي نوابشاهه جي ڪائونسل جو اجلاس مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ ضلعي ، تعلقي ۽ سٽي جي عهديدارن شرڪت ڪئي جن ۾ ڊاڪٽر زين پنهور، فلڪ شير اوڊ ، خميسو خان پنهور، صدر گل حسن رند، آڪاش لاکو غلام مصطفيٰ ڪيريو علي سومرو ، ايوب ڪوسو بچل ڏهيو پرويز احمد سومرو اسرار

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ويجهو معصوم ٻارڙي چنگچي رڪشا ۾ رئو ڦاسڻ سبب فوت

سيال هوٽل وٽ حادثي ۾ 7 ورهين جي حميره ڌيءُ رحيم بخش ڌاهري زخمي ٿي پئي

زخمي نياڻي کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ ۾ قومي شاهراهه سيال هوٽل وٽ دولتپور کان نيوسعيد آباد ويندڙ چنگچي رڪشا ۾ 7 ورهين جي نياڻي حميره ڌيءُ رحيم بخش ڌاهري رڪشا جي ڦيٽي ۾ رئو ڦاسڻ سبب رڪشي مان هيٺ ڪري پئي جنهن تي هوءَ سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي فوري بلقيس ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال سڪرنڊ آندو ويو جتي نياڻي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ صحافين جي اغوا ۽ پوليس زيادتين خلاف قلم ڌڻين جو احتجاجي مظاهرو

هنگورجا(ن ع) هنگورجا ۾ صحافين جي اغوا ۽ پوليس زيادتين خلاف صحافين جو احتجاج خانپور مهر جي رپورٽر عظيم سيال جي مبينا اغوا ۽ سندس وارثن کان هڪ ڪروڙ رپيا ڀتو طلب ڪرڻ واري واقعي خلاف صحافي برادري سراپا احتجاج

ميرپورساڪرو ويجهو افسوسناڪ حادثو 8 ورهين جي نينگري مزدا هيٺان اچي فوت

ڳوٺ مصري خان انڙ ۾ مزدا ريورس دوران نينگري اقصا مٿان پويون ٽائر چڙهي ويو

زخمي حالت ۾ شيخ زيد ميڊيڪل سينٽر منتقل، ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، گهر ۾ ڪهرام

ميرپورساڪرو (ن ع) ويجهو ڳوٺ مصري خان انڙ ۾ 8 ورهين جي اقصاء ڌيءُ خالق انڙ مزدا هيٺ اچي چيڀاٽجي فوت، ڳوٺاڻن موجب مزدا ريورس ۾ ٻاهر ڪيڻ دوران ڊرائيور جي غفلت سبب اتفاق سان مزدا جو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ انسانيت جي خوبصورت مثال 25 جوڙن جون اجتمائي شاديون

سماجي تنظيم جي سهڪار سان شادي تقريب ۾ ڪنوارن کي ڏاج پڻ ڏنو ويو

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ ۾ انسانيت جي خوبصورت مثال 25 جوڙن جون اجتمائي شاديون ٿئين زندگي جي شروعات لاءِ ڏاج ۽ گهريلو سامان فراهم گمبٽ ۾ سماجي تنظيم جي سهڪار سان انساني دوستي ۽ ڀلائي جي جذبي تحت 25 مستحق جوڙن جي اجتمائي شادين جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وسيلن جي کوٽ سبب پنهنجن ٻارن جون شاديون ڪرائڻ ۾

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: سماجي تنظيم منعقد ڪيل اجتماعي شادي جي تقريب ۾ ڪنوارو موجود آهن

سنجهورو لڳ سپاف اڳواڻ حيدر خان لغاري جي ورسي تقريب، لفظن جي پيتا پيش

سنجهورو (ن ع) سپاف ميرپورخاص ڊويزن جي سابق صدر مرحوم حيدر خان لغاري جي ورسي ڳوٺ لعل خان لغاري ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ مرحوم جي خاندان جي فرزند پ پ پ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري جاويد ناياب لغاري پ پ پ تعلقي سنجهورو جي صدر راجا آفتاب لغاري مظفر لغاري رئيس صادق خان لغاري سعيد لغاري سائين بخش لغاري

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ سارين جي ريٽ، موسچر ۽ مزدوري بابت آبادگارن جي درخواست تي ڊي سي جو نوٽيس، 29 تاريخ تي اجلاس طلب

ٽنڊوباگو (ت ر) هاءِ ڪورٽ اسلام آباد جي نوجوان وڪيل رضوان ڪلهوڙو سميت مختلف زميندارن پاران سارين جي ريٽ ، موسچر جي آڙ ۾ غير قانوني ڪٽوتي سارين جي مزدوري تي واڌ ، سميت باردانو ن ڏيڻ خلاف ڊي سي بدين کي لکت ۾ ڏنل درخواست تي ڊي سي بدين پاران نوٽس وٺي ورتو زميندارن ۽ رئيس ملن جي مالڪن زراعت کاتي بدين سميت لاڳاپيل اختيارين جي ميٽنگ 29

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڏوڪري ۾ سنڌ دشمن منصوبن خلاف جسقم ڪارڪنن پاران احتجاجي ريلي

ڪارڪنن ڪامريڊ رڪ سنڌي، صابر جروار نديم باغي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي ڪنهن به صورت ۾ وحدت تي وار برداشت نه ڪنداسين

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري ۾ سنڌ دشمن منصوبن خلاف جسقم اڳواڻ ڪامريڊ رڪ سنڌي جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ بابل خان جروار کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ صابر جروار نديم باغي ياسر سنڌيلو روهيت ڪمار مظهر جوڻيجو ڪامريڊ غلام ياسين جروار سميت شرڪت ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي مان وڌيڪ 3 معصوم ٻارڙا گم، انگ 7 ٿي ويو، رهواسين ۾ خوف ڇانيل

ٺانگو لائين واسي 12 سالن اسد گهرياڻي اوچتو گم ٿي ويو ڳولا جي باوجود سندس ڪوبه پتو نه پيو

خدا جي بستي جهتيال فارم وٽان 11 سالن جي نياڻي ماڻرا ڌي معشوق تيوڙو پڻ پراسرار نموني گم، وارث پريشان

پٺاڻي ڪالوني مان 12 سالن جو فراز ولد نياز حسين ٻگهيو پڻ گم ٿيل، جانو پاڙي مان ٽي ٻارڙا پڻ گم ٿي چڪا

ڪوٽڙي(رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ۽ سائيٽ جي علائقن مان وڌيڪ ٽي ٻارڙا گم، گذريل ڏهن ڏينهن دوران گم ٿيل ٻارڙن جو انگ 7 ٿي ويو عوام ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل، ان سلسلي ۾ مليل رپورٽن موجب ڪوٽڙي شهر جي جانو پاڙي مان 8 9 ۽ 10 سالن جا ٽي معصوم ٻار زوبيا، عبدالوهاب ۽ راشد سولنگي گهر کان ٻاهر

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

شهدادڪوٽ: ايس يو پي نَدين جي عالمي ڏينهن تي درياهه جي تحفظ لاءِ مظاهرو

ڪارڪنن اصف مگسي، رميز ٽونيو، حمل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ جي پاڻي تي لڳندڙ ڌاڙو ختم ڪري منصفاڻي ورڇ ڪئي وڃي: مظاهرين

شهدادڪوٽ (ڊ ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي شهدادڪوٽ طرفان درياهن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان شهر جي مينا چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج دوران ايس يو پي ضلعي صدر اصف مگسي رميز ٽونيو حمل خشڪ اختيار جمالي الهداد خشڪ داد بليدي حسن ٻبر اويس خشڪ فياض ميرجت معشوق خشڪ اڪبر يتي عامر چانڊيو فهد علي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان اڄ ندين جي عالمي ڏهاڙي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ سروي زمين تي مبينا قبضي ۽ رستا بند ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ ميهاري ڀيل جي رهواسين جو پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

سروي نمبر 42 جي لڳ ڀڳ 60 ايڪڙ زمين تي مبينا قبضو ڪري رستا بند ڪيا ويا آهن:مظاهرين

اسلام ڪوٽ(ن ع)اسلام ڪوٽ ۾ سروي زمين تي مبينا قبضي ۽ رستا بند ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج،اي سي پهچي ڳالهيون ڪيون،مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري، خبرموجب،اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺ ميهاري ڀيل جي رهواسين پاران سروي زمين تي مبينا قبضي،اڄ وچ جا رستا بند ڪرڻ ۽ پيئڻ جي پاڻي تائين رسائي ۾ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي نعريبازي ڪئي،احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو ته مبينا قبضو ختم

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: سروي زمين تي مبينا قبضي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوڄام ۾ مبينا زمين تي قبضي خلاف ٿيٻا برادري جو احتجاج

مجاهد شاهه، واحد شاهه، سڪندر شاهه زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن:مظاهرين

زمين بابت مختلف ڪيس سيشن ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ هلڻ هيٺ هلي رهيا آهن

عدالت سندس دعوي رد ڪري ڇڏي آهي، جنهن جو آرڊر به موجود آهي: مجاهد شاهه

ٽنڊوڄام (ت ر) ڀهاول ڙئونر جي ٿيٻا برادري پاران مبينه زمين تي قبضي خلاف ٽنڊوڄام پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي اڳوٽي ايس پي مجاهد شاهه، وائيس چيئرمين واحد شاهه، علي حيدر شاهه، اي ايس آءِ سڪندر شاهه ۽ ٻين بااثر ماڻهن خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي وئي ان موقعي تي سڪندر ٿيٻو اعجاز ٿيٻو عاشق جويو چيو ته سيد برادري سان تعلق رکندڙ اڳوٽي ايس پي مجاهد شاهه، يوسي وائيس چيئرمين واحد شاهه، اي ايس آءِ سڪندر شاهه ۽ ٻيا سندن

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

درياهه سنڌ جي سڃاڻپ، تاريخ، ثقافت ۽ جياپي جو بنياد آهي: امجد مهيسر

سنڌي پنهنجي ڌرتي، درياهه ۽ قومي وحدت بابت ڪنهن به فيصلي کي قبول نه ڪندا

ڌرتي ۽ درياهه جي تحفظ لاءِ عوام کي متحد ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور: سنڌ کي ورهائڻ خلاف جسقم جي ريلي، سنڌو درياهه کي گلن جي پيتا، سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به سازش خلاف ۽ درياهن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جسقم پاران خيرپور ڪان سڪر پل تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ سنڌ جي عاشقن شرڪت ڪئي. ريلي جي اڳواڻي جسقم جي مرڪزي اڳواڻ امجد مهيسر

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

دوڙ ۾ دريائن جي عالمي ڏهاڙي حوالي سان ايس يو پي پاران ريلي

ڪارڪنن مجاهد رستماڻي، لمان الله بروهي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پاڻي ڪئنس نيل ۽ ڪوئلي تي قبضو ڪانپوءِ سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي

دوڙ(ن ع) دوڙ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقه دوڙ پاران مرڪزي سڏ تي دريائن جي عالمي ڏهاڙي تي ايريگيشن گرائونڊ کان ايس يوپي جي اڳواڻن مجاهد رستماڻي، امان الله بروهي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب دوڙ تائين ريلي ڪڍي وئي سنڌو دريا سان محبت ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪندي سنڌو دريا تي تڪراري ڪئنال خاص طور جلال پور ڪئنال وهائڻ خلاف سخت نعريبازي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ ايس يو پي پاران درياءَ جي عالمي ڏهاڙي حوالي سان ريلي

ڪارڪنن نواز علي رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ درياهه کي گلن جي پيتا پيش ڪئي

سنڌ کي يونٽن ۽ حصن ۾ ورهائڻ وارو شوشو ختم ڪيو وڃي: مظاهرين

سيوهڻ(ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي ايس يو پي پاران درياءَ جي عالمي ڏهاڙي تي ڪالهه سيوهڻ ۾ سنڌو درياءَ تي لڳندڙ ڌاڙي خلاف ايس يو پي تعلقي سيوهڻ جي صدر نواز علي رند، عبدالحڪيم ٻرڙي، فريد ٻگهيو مريد بروهي جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن تعلقا آفيس کان 3 ڪلوميٽرن ڊگهين ريلي ڪڍي سنڌو درياءَ تي پهچي سنڌوءَ کي گلن جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

دريائن جي عالمي ڏهاڙي تي ڪنڌڪوٽ ۾ ايس يو پي ڪشمور پاران سنڌو درياهه کي پيتا

ضلعي صدر ظريت ساگر بجاراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ سوين ڪارڪن سنڌو درياهه تي پهچي محبت جو اظهار ڪيو

سنڌو درياهه سنڌ جي سڃاڻپ، تاريخ، ثقافت ۽ لکين ماڻهن جي زندگيءَ جو بنيادي سرچشمو آهي: اڳواڻ

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) دريائن جي عالمي ڏهاڙي تي ايس يو پي ڪشمور پاران سنڌو درياهه کي پيتا پيش دريائن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي ڪشمور پاران سنڌو درياهه کي پيتا پيش ڪئي وئي ضلعي صدر ظريت ساگر بجاراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ سوين ڪارڪنن سنڌو درياهه تي پهچي درياهه سان محبت ۽ وابستگي جو اظهار

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي جي صحافي عظيم سيال اغوا جو ڄام اڪرام ڌاريجو نوٽيس ورتو

ڄام اڪرام پاران عظيم سيال جي بازيابي لاءِ اثرائتي ڪارروائي جون هدايتون جاري

گهوٽڪي(ن ع) خانپور مهر جي سينيئر صحافي ۽ ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر محمد عظيم سيال جي اغوا واري واقعي تي صوبائي وزير ڄام اڪرام الله خان ڌاريجو پيپلز پارٽي تعلقه گهوٽڪي جي صدر ۽ ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين ڄام آصف رزاق خان ڌاريجو ۽ پيپلز پارٽي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ مال بردار ٽرين جي بوگي پٽڙي تان لهي وئي، سروس عارضي طور معطل

ايمرجنسي ٽيم ٽن ڪلاڪن جي محنت کان بعد ريلوي سروس ٻيهر بحال ڪئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ريلوي اسٽيشن جي ويجهو پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مال بردار ٽرين جي هڪ بوگي ريلوي ٽائڪ لقمان جي سامهون پٽڙي تان لهي وئي جنهن سبب ريلوي ٽريفڪ عارضي طور معطل ڪئي وئي آهي ريلوي اختيارين موجب مال بردار ٽرين جي بوگي پٽڙي تان لهڻ واري واقعي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ ايس يو پي جي ريلي، سنڌو درياهه تي ڪينالن خلاف احتجاج

درياهن جي عالمي ڏهاڙي تي "سنڌو تو ۾ ساهه" جي سري هيٺ ريلي ڪڍي وئي

سنڌ کي سڪائڻ جي ڪوشش ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي: مظاهرين

ٽنڊوڄام (ت) ايس يو پي ٽنڊوڄام پاران 27 سيمبر درياهن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌو دريا کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ سنڌو تو ۾ ساهه جي سري هيٺ رسول بخش لغاري ۽ امير علي ٿيٻو ۽ فيصل لغاري جي اڳواڻي ۾ مير ڪالوني ٽائڪ کان ٽنڊوڄام پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ ڪارڪن سنڌو تو ۾ ساهه جا نعرا هڻندا رهيا. انهي موقعي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سينيئر صحافي عبداش پنهور جي ياد ۾ تعزيتي ميڙ، صحافتي خدمتن کي پيتا

صحافين، وڪيلن، اديبن ۽ ڪاپي ڌر جي اڳواڻن پاران عبداش پنهور جي سياسي ۽ صحافتي ڪردار کي ساراهيو

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت نوجوان طرفان مبينا طور مرحوم والد جي ملڪيت مان حصو نه ملڻ ۽ بااثر ڀائرن جي ناجائزين خلاف احتجاج